روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) آچر 26 فيبروري 2023ع بمطابق 05 شعبان المعظم 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 274

پي ڊي ايم ۽ مريم جو سپريم ڪورٽ جي ججن تي حملن جو مقصد رڳو چونڊن کان ڀڄڻ آهي: عمران خان

پي ڊي ايم ۽ مريم نواز طرفان سپريم ڪورٽ جي ججن تي شرمناڪ حملا باضابطا رٿابندي تحت ڪيا پيا وڃن

ججن تي حملن جو مقصد چونڊن کان ڀڄڻ آهي، پوءِ پلي آئين جي ڀڃڪڙي ئي ڇو نه ڪرڻي پوي، پي ڊي ايم طرفان سپريم ڪورٽ کي نشانو بڻائڻ سان وفاق کي نقصان پهچندو

پي ڊي ايم اڳواڻن کين چئلينج ڪيو هو ته جيڪڏهن اليڪشن چاهيو ٿا ته ڪي پي ۽ پنجاب ۾ اسيمبليون ٽوڙي ڏيکاريو

هنن کي خبر آهي ته چونڊون نه کٽي سگهندا، ان ڪري سپريم ڪورٽ جي ججن کي بدنام ڪري رهيا آهن ۽ آئين جي ڀڃڪڙي لاءِ تيار آهن ته جيئن چونڊون نه ٿين

ڇا هن حڪومت اڳهه وڏائڻ جهڙا ڏکيا فيصلا ڪيا؟ آءِ ايم ايف اسان کي به چيو هو ته قيمت وڌايو، هنن سڀ شين مهانگيون ڪري عوام جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي

ملڪ ۾ ماحول هوندو آهي ته معاشي پاليسي ٺاهي ويندي آهي پر سڀ کان اهم قانون جي حڪمراني آهي، اڄ ماڻهو بئنڪن مان ڊالر نٿا ڪڍي سگهن : وڊيو بيان جاري

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيو آهي ته پي ڊي ايم ۽ مريم نواز طرفان سپريم ڪورٽ جي ججن تي حملا شرمناڪ آهن. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ عمران خان چيو ته پي ڊي ايم ۽ مريم نواز طرفان سپريم ڪورٽ جي ججن تي شرمناڪ حملا باضابطا رٿابندي تحت ڪيا پيا وڃن. هن چيو ته ججن تي حملن جو مقصد چونڊن کان ڀڄڻ آهي، پوءِ پلي آئين جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان (فائيل فوٽو)

پاڪستان قرض لاءِ آءِ ايم ايف جو هڪ ٻيو شرط مڃڻ تي راضپو ظاهر ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان آءِ ايم ايف جو وياج جي شرح وڌائڻ واري شرط تي راضپو ظاهر ڪري ڇڏيو ناڻي واري وزارت جي اختيارين جو چوڻ آهي ته پاڪستان وياج جي شرح ۾ وڌيڪ 2 سيڪڙو تائين واڌ تي آءِ ايم ايف سان اتفاق ڪري ورتو آهي. ناڻي واري وزارت جي اختيارين موجب پاڪستان سان آءِ ايم ايف جون ڳالهيون رات دير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سياست ۾ عوام کي حق ڏيارڻ لاءِ آيا آهيون، اسان جو ساٿ ڏيو: بلاول ڀٽو

اسان جا مخالف بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي جمي مخالف ڪئي، اسان تي تنقيد ڪئي وئي ته بي آءِ ايس پي پروگرام ذريعي ڪرپشن ٿيندي، پر دنيا مڃي ٿي ته اهو شفاف ترين پروگرام آهي

بينظير انڪم سپورٽ ذريعي سروي ڪرايو پيو وڃي، سڄي ملڪ ۾ سروي جي حوالي سان مهم هلائڻ گهرجي، ماڻهن کي ٻڌايو وڃي ته هو پاڻ کي بي آءِ ايس پي ۾ رجسٽر ڪرائين

امير ماڻهو وٽ جيترو پئسو هوندو آهي اهو اوترو ئي ڪنجوس هوندو آهي، پئسو غريب وٽ ويندو آهي ته هزارين ماڻهن جو پلو ٿيندو آهي، معيشت کي فائدو ٿيندو

پ پ لاءِ مشهور آهي ته اِها اسٽيبلشمينٽ مخالف ۽ جمهوريت جي حامي آهي، پيپلزپارٽي اٿي، لٿي ۽ اڄهي لاءِ سياست ڪئي، اسان پنهنجن اصولن سبب شهادت قبول ڪئي

پيپلزپارٽي لاءِ ڪٺ پتلي جماعت سميت ڪو به سياسي مخالف نه آهي، نه اسان جو ڪنهن سان مقابلو آهي، اسان سياست ۾ عوام کي حق ڏيارڻ لاءِ آيا آهيون

مُلڪ ۾ اڄ به غربت، مهانگائي ۽ معاشي بحران آهي، اسان ان آئيني، سياسي، جمهوري ۽ معاشي بحران جو حل چاهيون ٿا : ڪراچي ۾ تقريب کي خطاب

ڪراچي (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پ پ لاءِ ڪٺ پتلي جماعت سميت ڪو به سياسي مخالف نه آهي. ڪراچي ۾ تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته اسان جا مخالف بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي جمي مخالف ڪئي، اسان تي تنقيد ڪئي وئي ته بي آءِ ايس پي پروگرام ذريعي ڪرپشن ٿيندي، پر دنيا مڃي ٿي ته اهو شفاف ترين پروگرام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: پ پ چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڊالر ۽ ڏار ٿهي ويا، عوام آزار ۾ اچي ويو، مهانگائي سٽيل ماڻهو سراپا احتجاج

ڪراچيءَ ۾ مهانگائي خلاف عام آدمي، فيڊريشن آف پاڪستان ۽ الشيخ فائونڊيشن پاران ڪراچي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سنڌ يوٿ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي سنڌو نواز گهانگرو جي اڳواڻي ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف ڄام ڳوٺ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

حڪمران پنهنجي من پسندن واپارين، سيٺين ۽ سرمائيدارن کي فائدو پهچائڻ لاءِ هٿرادو مهانگائي ڪري غريب عوام جو رت چوسي رهيا آهن: اڳواڻ

سنڌ ۾ غربت، بي روزگاري ۽ مهانگائي سبب ماڻهو خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن، هر روز ڪنهن نه ڪنهن شهر ۾ اهڙا واقعا سامهون اچي ٿا

ڪراچي/حيدرآباد/سکر (نمائندن وٽان) ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي سبب سنڌ سڀ کان وڌيڪ متاثر اڪثريتي عوام ڪڻڪ، گيهه، دال، چانور، پٽاٽا، ٽماٽا ۽ سبزي وٺڻ لاءِ به مشڪل ۾ اچي ويو مهانگائي خلاف عوام سراپا احتجاج بڻجي رستن تي نڪري آيو. ڪراچيءَ ۾ مهانگائي خلاف عام آدمي، فيڊريشن آف پاڪستان ۽ الشيخ فائونڊيشن پاران ڪراچي پريس ڪلب آڏو احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: مهانگائي خلاف عام آدمي، فيڊريشن آف پاڪستان ۽ الشيخ فائونڊيشن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

شرجيل ميمڻ پي ٽي آئي کي جيل ڀريو تحريڪ ۾ وڏي پيشڪش ڇڏي

پي ٽي آئي کي پڪ اينڊ ڊراپ سروس مهيا ڪري سگهون ٿا : شرجيل انعام ميمڻ

جيل ڀريو تحريڪ جي ڪاميابي لاءِ سموري قوم دعاگو آهي، اعلان ڪندڙن جون جنگهون ڏڪي رهيون آهن

تحريڪ انصاف سنڌ ۾ هن تحريڪ کي مڪمل طور تي ڪامياب ڪرڻ لاءِ اڳتي اچي، اسان سنڌ ۾ ڀرپور مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته عمران خان جي نام نهاد جيل ڀريو تحريڪ جو تماشو اڄ پشاور ۾ لڳي رهيو آهي. توشاخاني ڏاڙي ڪيس ۾ گرفتاري کان بچڻ لاءِ عمران خان جيل ڀريو تحريڪ جو شوشو ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

جيل ڀريو تحريڪ، ملتان ۾ به پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ ڪارڪن گرفتاري ڏيڻ بدران کسڪي ويا

ملتان (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي جيل ڀريو تحريڪ لاءِ ڪارڪن اڳوڻي ايم اين اي عامر ڊوگر جي گهر آڏو گڏ ٿيا ۽ گرفتاري ڏيڻ بنا اتان روانو ٿي ويا. ملتان ۾ گرفتارين لاءِ نوان چوڪ پهتل پي ٽي آءِ ڪارڪن ۽ اڳواڻ به گرفتاريون ڏيڻ ڪانسواءِ واپس هليا ويا آهن. اڄ ملتان مان جيل ڀريو تحريڪ لاءِ گرفتاريون ڏيڻ جو ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عمران خان جي جيل ڀريو تحريڪ ناڪام ٿي وئي، هاڻ هو قاهي لڳايو تحريڪ شروع ڪري: منظور وسان

ڪجهه ڪارڪنن کان سواءِ ڪو به گرفتاري ڏيڻ لاءِ ناهي نڪتو، جن اڳواڻن گرفتاريون ڏنيون آهن اهي هاڻ ضمانتن جي لاءِ درخواستون ڏئي رهيا آهن

خان صاحب جيل ڀريو تحريڪ اوهان کان نه ٿي سگهندي هاڻ اوهان قاهي لڳايو تحريڪ شروع ڪريو: جاري ڪيل بيان ۾ اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي زراعت بابت صلاحڪار منظور وسان عمران خان کي مشورو ڏيندي چيو آهي ته خان صاحب جي جيل ڀريو تحريڪ ته ناڪام ٿي وئي آهي. هاڻ هن کي قاهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان ۽ وڏي وزير جو زراعت بابت صلاحڪار منظور وسان (فائيل فوٽو)

چور ۽ ڏاڙيل وارو موقف ناڪام ٿي چڪو آهي : مريم نواز

عمران خان ۽ سندس گهرواري توشاخانا ڪيس ۾ چوري ڪندي سڳ سودو پڪڙيا ويا آهن

عمران خان عدالتن کان بچندو پيو وتي، اهو سندس ڏوهاري هجڻ جو ثبوت آهي

لاهور (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ ن جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي ته عمران خان مرد بڻجي قانون کي منهن ڏي. عمران خان جي ٽوئيٽ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

توانائي بحران تي ڪنٽرول: ڪراچي ۾ مارڪيٽون ۽ شاپنگ مالز سادي اٺين وڳي بند ڪرائڻ جو اعلان

ڪمشنر ڪراچي ڊپٽي ڪمشنر کي مارڪيٽن ۽ هوٽلن بابت نئون حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو

شاپنگ مالز، مارڪيٽون سادي 8 وڳي بند ڪرايا وڃن: ڪمشنر ڪراچي پاران ڊي سيز کي هدايتون جاري

شادي هاليز ۽ هوٽلن کي رات 10 وڳي بند ڪرائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن : ڪمشنر ڪراچي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) توانائي بحران تي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ ڪراچي جي ڪمشنر شاپنگ مالز ۽ مارڪيٽون سادي 8 وڳي بند ڪرائڻ جي لاءِ ڊپٽي ڪمشنرز (ڊي سيز) کي هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن وفاقي حڪومت جي هدايت تي ڪراچي جي ڪمشنر سمورن ڊي سيز کي خط لکي ڇڏيو آهي. ڪمشنر ڪراچي ڊپٽي ڪمشنر کي مارڪيٽن ۽ هوٽلن بابت نئون حڪم نامو جاري ڪري ڇڏيو آهي ڪمشنر ڪراچي ڊي سيز کي هدايتون ڏنيون آهن ته شاپنگ مالز، مارڪيٽون سادي 8 وڳي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اليڪشن ڪميشن طرفان ننڍيون چونڊون ملتوي ڪرڻ لاءِ پنجاب حڪومت جي درخواست رد

پنجاب حڪومت طرفان گڏريل ڏينهن ننڍيون چونڊون ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي هئي جنهن سيڪيورٽي جو خدشو ظاهر ڪيو ويو هو

سمورا انتظام مڪمل آهن اين اي هڪ سئو 93 راجنپور ۾ چونڊون 26 فيبروري تي ٿي ٿينديون: اليڪشن ڪميشن

لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنر پوليس، رينجرز ۽ پاڪ فوج جون اختياريون موجود رهنديون ته جيئن ڪنهن به صورتحال کي منهن ڏئي سگهجي: ترجمان

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن 26 فيبروري تي راجن پور ۾ ٿيندڙ ننڍيون چونڊون ملتوي ڪرڻ بابت پنجاب حڪومت جي درخواست کي رد ڪري ڇڏيو آهي. پنجاب حڪومت طرفان گڏريل ڏينهن ننڍيون چونڊون ملتوي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

راڻا ثناءُالله عمران خان کي قتل ڪرائڻ چاهي ٿو: ياسمين راشد جو الزام

عمران خان تي قاتلاڻي حملي جي جاچ صحيح نه پئي ٿئي، جو ته شهباز شريف ۽ راڻا ثناءُالله جاچ نه پيا ڪرڻ ڏين

عمران خان تي حملي ۾ وفاقي ۽ نگران حڪومت ملوث آهي، پنجاب جي نگران حڪومت مسلم ليگ (ن) جي گهر جي ٻاندي بڻيل آهي

وفاقي حڪومت جي نئين جي آءِ ٽي تي اسان کي اعتراض آهي صوبائي حڪومت جي آءِ ٽي ناهي ته وفاقي حڪومت ۾ مداخلت ڪئي: لاهور ۾ صحافين سان ڳالهيون

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پي ٽي آءِ اڳواڻ ياسمين راشد الزام هنيو آهي ته راڻا ثناءُالله عمران خان کي قتل ڪرائڻ چاهي ٿو. لاهور ۾ صحافين سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پي ٽي آءِ اڳواڻ ياسمين راشد

سپريم ڪورٽ جي ججن ۾ سماعت ختم ٿيڻ بعد بحث، گرما گرمي

سماعت ختم ٿي ته ڪمري جي ٻنهيان واري هال نما ڪمري ۾ هليا ويا: قيوم صديقي

ڪجهه دير بعد ججن ۾ گرما گرمي ٿي وئي ۽ آواز ٻاهر تائين ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ ۾ پنجاب ۽ ڪي پي اسيمبلين جي چونڊ بابت ٻڌڻي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ججن ۾ ڪافي گرما گرمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

جيل ڀريو تحريڪ ”ضمانت ڏيو تحريڪ“ ۾ تبديل ٿي چڪي آهي: شيري رحمان

عمران خان جي جيل ڀريو تحريڪ سوشل ميڊيا ۽ بيانن تائين محدود آهي

ڪي پي جي ماڻهن گرفتاري نه ڏئي عمران خان جي ذاتي سياست کي مڪمل رد ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي وزير ۽ پ پ سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته عمران خان جي جيل ڀريو تحريڪ سوشل ميڊيا ۽ بيانن تائين محدود آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

پابندي مڙهيل فنڊنگ ڪيس: عمران خان کي 28 فيبروري تي پيش ٿيڻ جو حڪم

بينڪنگ ڪورٽ اسلام آباد ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان ۽ ٻين خلاف فارين ايڪسچينج ايڪٽ جي تحت پابندي مڙهيل فنڊنگ ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

عمران خان جي قانوني ٽيم طرفان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي آرڊر جي ڪاپي عدالت ۾ پيش ڪئي وئي

عدالت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي حڪم جي روشني ۾ عمران خان کي 28 فيبروري تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي بينڪنگ ڪورٽ پابندي مڙهيل فنڊنگ ڪيس ۾ عمران خان کي 28 فيبروري تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سوين سياسي ڪارڪن جيلن ۾ بند آهن: فواد چوڌري

فسطائي حڪمرانن کان آزادي اسان جي منزل آهي

تحريڪ جو مقصد عوام جي سياسي ۽ معاشي حقن لاءِ جدوجهد جو شعور آهي

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته تحريڪ انصاف جا 2 سئو ڪان وڌيڪ سياسي ڪارڪن مختلف جيلن ۾ بند /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري

سنڌ مارچ دادو پهتو، وڪ وڪ تي استقبال، عوام زرداري مافيا کان بغاوت ڪري ڇڏي: زين شاهه

اسان اوهان کي سمجهائڻ آيا آهيون ته سنڌ جي وسيلن جو اختيار اوهان وٽ هجڻ گهرجي، 15 سالن کان اسان تي زرداري مافيا جو نظام مڙهيو ويو آهي

اسان جي هي تحريڪ سنڌ جي ٿيندڙ تباهي ۽ برٻادي جي خلاف آهي، هي حڪمران سنڌو درياءَ وڪرو ڪري چڪا آهن

راجا پرويز اشرف ۽ ٻيا ڪاميٽي ۾ شامل سنڌ جا غدار سنڌ جي قومي وجود خلاف گهري سازش ۾ ملوث آهن

دادو (رپورٽ) تڪراري ڊجيٽل آدمشماري، ڊاري آبادڪاري ۽ وسيلن جي ڦرلٽ خلاف ايس يو پي صدر زين شاهه جي اڳواڻي ۾ سکر کان نڪتل پيادل سنڌ مارچ کي 10 ڏينهن مڪمل ٿي ويا. سنڌ مارچ جا قافلا مخدوم بلاول ۾ ترسڻ بعد ڪاڇو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

دادو: ايس يو پي صدر زين شاهه نڪتل مارچ دوران خطاب ڪري رهيو آهي

پشاور ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف انٽرنيشنل سرڪس ڪمپني جو حشر دنيا ڏسي ورتو: صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته پشاور ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف انٽرنيشنل سرڪس ڪمپني جو حشر دنيا ڏسي ورتو هڪ شخص به پوليس جي مهمان نوازي قبول نه ڪئي. پوليس ميگا فون تي پشاور ۾ پي ٽي آءِ خان ۽ ٻين علائقن ۾ جيل ڀريو تحريڪ جي دعوت ڏيندي رهي. پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ ايم پي ايز پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ملڪ اندر هڪ هفتي ۾ مهانگائي ۾ 2.78 سيڪڙو واڌ

ڪاڌ خوراڪ جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن: شماريات کاتي

مهانگائي جي مجموعي شرح 41.54 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان جاري آهي. ڪاڌ خوراڪ جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. شماريات کاتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سکر: ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ، 4 ڄڻا قتل

باڳڙجي ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ ڪامران گهمرو، ٻبلو گهمرو، رمضان ۽ ڪوئيٽا مان مهمان ٿي آيل خليل شيخ مارجي ويا

فائرنگ دوران هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي فوري طور تي طبي امداد جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو: پوليس

واقعي جا سبب ڄاڻڻ جي لاءِ ڪوششون جاري آهن ۽ جوابدارن جي ڳولا به شروع ڪئي وئي: ميڊيا سان ڳالهيون

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ ٻن ڌرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ سبب 4 ڄڻا قتل ٿي ويا آهن. باڳڙجي واري علائقي ۾ هٿيارٻندن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ 3 ڌرين سميت 4 ڄڻا قتل ٿي ويا. مارجي ويلن ۾ ڪوئيٽا واسي مهمان پڻ شامل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

بارڪان واقعو: قتل ڪيل 3 ڄڻن جا مڙهه مٽيءَ ماءُ حوالي

تدفين ۾ خان محمد مري ۽ مري قبيلي جي ماڻهن شرڪت ڪئي

ٽن ڄڻن جي قتل خلاف مري اتحاد پاران چار ڏينهن ڌرڻو هنيو ويو هو

ڪوئٽه (م ڊ) بارڪان واقعي ۾ قتل ڪيل 3 ڄڻن کي باءِ پاس ويجهو قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. تدفين ۾ خان محمد مري ۽ مري قبيلي جي ماڻهن شرڪت ڪئي. خان محمد مري جي 2 پٽن ۽ نامعلوم عورت جا لاش 5 ڏينهن اڳ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

تحريڪ انصاف جي جيل ڀريو تحريڪ مان هوا نڪري چڪي آهي: صحافي عمران شفقت

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف جي جيل ڀريو تحريڪ مان هوا نڪري چڪي آهي ۽ تحريڪ شروع ٿيڻ شرط ٻن ڏينهن ۾ ناڪامي چڪي آهي. ناميارو صحافي موجب اصل ۾ عمران خان جو اندازو غلط فهمي ثابت ٿيو ته تحريڪ ۾ هزارين ڪارڪن روڊن تي نڪري ايندا. صرف لاهور مان اڳواڻن سميت 81 ماڻهو گرفتار ٿي چڪا باقي ملڪ جي ڪنهن به شهر ۾ تحريڪ جو زور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سکر: ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ، مارجي ويلن جا لاش اسپتال آندا ويا آهن

جيل ڀريو تحريڪ: پي ٽي آءِ جا 6 اڳواڻ اڊيالا کان شاهپور جيل منتقل

جيل منتقل ڪيلن ۾ ذوالفي بخاري، فياض الحسن چوهاڻ، صداقت علي عباسي، اعجاز خان شامل

پشاور ۾ به هزارين ماڻهو گرفتاريون ڏيڻ لاءِ نڪتا هئا پر ڪنهن به کين گرفتار نه ڪيو: جيل ڀريو تحريڪ جي منتظر اعجاز چوڌري جي دعويٰ

راولپنڊي (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي جيل ڀريو تحريڪ ۾ گرفتار پي ٽي آءِ جي 6 اڳواڻن کي اڊيالا جيل کان شاهپور جيل منتقل ڪيو ويو آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻن جي هڪ مهيني جي نظربندي جا حڪم پڻ جاري ڪيا ويا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڄامشورو: مزاحيه فنڪار علي گل ملاح ۽ سهراب سومرو حادثي واري جاءِ تي اصغر کوسو سان ڳالهائيندي

مزاحيه فنڪار علي گل ملاح ۽ سهراب سومرو جي گاڏي سان خوفناڪ حادثو، معجزاتي طور بچي ويا

ڄامشورو پل وٽ حادثو پيش آيو، ٽرالر اداڪارن جي گاڏي کي پٺيان ٽڪر هنيو

شو ۾ شرڪت لاءِ نوابشاهه پئي وياسين ته حادثو پيش آيو، معمولي زخم رسيا آهن: علي گل ملاح/ سهراب سومرو

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌ جي مزاحيه اداڪارن علي گل ملاح ۽ سهراب سومرو سان خوفناڪ حادثو پيش آيو آهي ڄامشورو پل وٽ حادثو پيش آيو ٽرالر اداڪارن جي گاڏي کي پٺيان ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ علي گل ملاح ۽ سهراب سومرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

نواز شريف عمران خان جي ”جيل ڀريو تحريڪ“ کي غير اهم قرار ڏئي ڇڏيو

لنڊن ۾ نواز شريف سان آزاد ڪشمير جي اڳوڻي وزيراعظم راجا فاروق حيدر خان ملاقات ڪئي

نواز شريف موجوده آزاد ڪشمير جي حڪومت تي خدشن جو اظهار ڪيو آهي : فاروق حيدر

لنڊن (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ ن جي قائد ۽ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف، پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي جيل ڀريو تحريڪ کي غير اهم قرار ڏئي ڇڏيو لنڊن ۾ نواز شريف سان آزاد ڪشمير جي اڳوڻي وزيراعظم راجا فاروق حيدر خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڊيره اسماعيل خان: وزيراعظم جو صلاحڪار انجنيئر امير مقام تعزيت دوران دعا گهري رهيو آهي

حيدرآباد جي مشهور واڏو واهه جي بحالي، 50 ڪروڙ رپيا منظور

اسڪيم جي انتظامي منظوري ڪانپوءِ واڏو واهه جي بحالي جو ٽينڊر جاري ٿيڻ جو امڪان

واڏو واهه کي ڄامشورو روڊ وٽان قليلي واهه کان لطيف آباد جي اوور هيڊ برج تائين بحال ڪري ان ۾ منرو پاڻي ڇوڙ ڪيو ويندو: آبپاشي ذريعا

رٿا تحت واڏو واهه جي ٻاءِ پاس ڪان مٽي ڄامشورو روڊ تائين ٻنهي پاسن کان پڪو روڊ تعمير ڪيو ويندو

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد جي واڏو واهه کي بيهر بحال ڪري ان ۾ صاف پاڻي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. سنڌ حڪومت سالياني ترقياتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي پوليس آفيس تي حملي ڪانپوءِ پوليس اختيارين سنڌ حڪومت کان نئين ڀرتين جي اجازت گهري ورتي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي پوليس آفيس تي حملي ڪانپوءِ پوليس اختيارين سنڌ حڪومت کان نئين ڀرتين جي اجازت گهري ورتي. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته صوبائي پوليس ۾ 53 هزار 661 پوسٽن تي نئين ڀرتيون ڪرڻ جي اجازت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

موسميات کاتي اڄ کان ڪراچي ۾ گرمي وڌڻ جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو

مغربي هوائن جو سسٽم سياڻي ملڪ جي مٿانهين حصي تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو

ڪراچي ۾ گرمي پد 32 کان 34 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ اڄ کان گرمي پد وڌڻ جو امڪان آهي. موسمياتي تجزيه ڪار جواد ميمڻ موجب مغربي هوائن جو سسٽم اڄ ملڪ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ٽيرنهن پارٽيون چونڊن ۽ معاشي استحڪام کان پٺتي رهيون آهن: شيخ رشيد

اميد آهي ته ايندڙ 10 ڏينهن ۾ سپريم ڪورٽ ٻڌائي ڇڏيندي ته چونڊن جي تاريخ ڪهڙي ڏينهن ڏيڻي آهي

گهرو وزير، دفاع وارو وزير ۽ مريم نواز عدليه کي تنقيد جو نشانو بڻائڻ کان علاوه فل بينچ جو پڻ مطالبو ڪري رهيا آهن

چاچي جي ٻچت جي دعويٰ پاڻي جي 18 رڪني شاهانه سيڪيورٽي اسڪواڊ تي لاڳو ناهي: سربراهه عوامي مسلم ليگ

راولپنڊي (م ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه ۽ اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي ته عدليه مٿان دٻاءُ وڌو پيو وڃي ته هو پنهنجو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

تحريڪ انصاف مسلسل مطالبو ڪري رهي آهي ته مريم نواز خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي وڃي: عبدالله طارق سهيل

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف مسلسل مطالبو ڪري رهي آهي ته مريم نواز خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي وڃي. ناميارو تجزيه نگار جو چوڻ آهي ته مريم نواز ججن تي جائي واري تنقيد ڪئي آهي ڇو ته (ن) ليگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

عدالتن مان ڏک نه اسان کي مليا آهن: خواجه آصف

عمران خان سان ڇا ٿيو آهي جو اهڙي ٻولي ٿو ڳالهائي

مريم نواز پنهنجي تقرير ۾ حق تي هئي، هوءَ اسان جي پارٽي جي ليڊر آهي

اسلام آباد (م ڊ) ٻچاءَ واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته عدالت کي درستگي جو عمل شروع ڪرڻو آهي نواز شريف ڪيس جي فيصلي کان شروع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سانگهڙ ۾ وفاقي وزير شازيه مري ”بينظير نشونما مرڪز“ جو افتتاح ڪري ڇڏيو

پاڪستان ۾ ڪل 402 سينٽر قائم ڪيا ويا آهن جيڪا تعلقه سطح تي ڪم ڪري رهيا آهن: شازيه مري

اسان جي ڪوشش آهي ته ڳورهاري عورتن ۽ نومولود ٻارن کي ذهني ۽ جسماني طور مظبوط بڻايو وڃي

پاڪستان پيپلزپارٽي صحت جي شعبي ۾ عوام لاءِ وڏ ڪان وڌ ڪم ڪري رهي آهي: تقريب دوران ڳالهيون

سانگهڙ (رپورٽ نادر ٻڍڙو) عمران خان جيل ڀريو تحريڪ سرڪس آهي هو پنهنجيون نجي جيلون ناهي اتي پنهنجا ماڻهو ويهاري ڇٽي ٿو ته جيل ڀريو تحريڪ آهي جيل ڀريو تحريڪ آهي ته ڀرو ضمانتون جو ٿيون ڪرايون وڃن هي هڪ ڊرامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سانگهڙ: وفاقي وزير شازيه مري ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

مليرجي صحافي ڪي موتمار

ڌمڪين سميت پتاخوري جا

ڪوڙا الزام

ملير (ڊ ر) مليرجي سينيئر صحافي کي موتمار ڌمڪين سميت پتاخوري جا ڪوڙا الزام، صحافي پاران الزام لڳائيندڙ گروپ خلاف ٿاڻي ۾ ڪيس داخل، صحافي تنظيمن پاران اعلي ادارن کان شفاف انڪوائري جو مطالبو ۽ صحافت جهڙي مقدس پيشي کي بدنام ڪرڻ وارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪرڻ جي گهر ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊو الهيار ...

ڏڙو ۾ نوجوان پورهيت کان هٿيار بند روڪ رقم ۽ سامان ڦري ويا

ڪوڪڙي برادري عورتن لالي، شيمي، هيمن، ميگي، راهمون ۽ احتجاج ڪيو

جاچ ڪئي آهي ڪوبه ڦرجو واقعو نه ٿيو آهي ڊرامون رچايو ويو آهي: پوليس

ڏڙو (ن سنڌ يار) ڏڙو ابڙال روڊ تي هٿيار بندن هٿان ڪوڪڙي برادري جي نوجوان کان موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر، ڏڙو پنجاري پل تي ڪوڪڙي برادري جو عورتن ۽ ٻارن سان گڏ ڦرواقعي خلاف احتجاجي ڌرڻو، روڊ بلاڪ، جسقم اڳواڻ انور ملاح، ڪامريڊ اشرف سولنگي، ارباب خليل راهمون، ٿاڻي جي ڊرٽي ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ڪوڪڙي برادري جي هيمڻ سميت بين ڏرين جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

مليرجي تاريخي ڳوٺ ۾ پرائمري ۽ سيڪينڊري اسڪول جي شاگردن تعليم بابت ريلي

ريلي ۾ ڊپٽي ايجوڪيشن آفيسر عبدالجبار کهڪهراڻي هيڊ ماسٽر سيڪينڊري حريت ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت

اسڪول جي عمارت زبون حالي جو شڪار ۽ اسڪول ۾ فرنيچر جي کوٽ سبب تعليم متاثر ٿي رهي آهي: اڳواڻ

اسڪول ۾ فرنيچر جي کمي شاگردن جي لاءِ واش روم جو نه هئڻ جي شاگردن کي پريشاني جهڙي صورتحال آهي

ڪراچي (رپورٽر) مليرجي علائقي بن قاسم پير سرهندي ڳوٺ ۾ ضلعي مليرجي تاريخي ڳوٺ ۾ پرائمري ۽ سيڪينڊري اسڪول جي شاگردن تعليم جي حوالي سان آگاهي مهم جي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ڊپٽي ايجوڪيشن آفيسر عبدالجبار کهڪهراڻي هيڊ ماسٽر سيڪينڊري حريت اسڪول پرائمري پير سرهندي اسڪول پير بني گرلز اسڪول جي استادن ۽ جوڪيا ويلفيئر صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي: منعقد تقريب ۾ شاگرد ۽ اڳواڻ شريڪ آهن

ٺٽي پرسان ڳوٺ گل

حسن سولنگي جي

رهواسي پاران احتجاج

ٺٽو (رپورٽ) ٺٽي شهر جي شاهجهان مسجد پرسان ڪچي آبادي جي ڳوٺ گل حسن سولنگي جي رهواسي قربان علي گندرو پريس ڪلب مڪلي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي الزام هڻندي چيو آهي ته 3 هفتا اڳ سندس پٽ محمد محفوظ ولد شفيع محمد گندرو تي سندن ڳوٺ پرسان 5 حملي آور جوابدار عبدالرشيد، ثمير، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

محرابپور پرسان ڳوٺاڻن پاران ٻاڙن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ ارباب سامٽيو واسين مجاهد سامٽيو- انصاف سامٽيو ۽ ٻين ڳوٺاڻن احتجاج ڪيو

ٻاڙن ذوالفقار سامٽيو-جواد سامٽيو ۽ سجاد سامٽيو اسان سان رڻ ٻاري ڏنو آهي: مظاهرين

نوٽيس وٺي سندن خلاف ڪاروائي ڪري اسان سان ناانصافي ڪندڙن کان انصاف ڏياريو وڃي

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) محرابپور ڳوٺ ارباب سامٽيو واسين مجاهد سامٽيو انصاف سامٽيو قربان سامٽيو الهڏنو سامٽيو ۽ ستار سامٽيو ڳوٺ جي ٻاڙن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعري بازي ڪئي هنن ٻڌايو ته ڳوٺ جي ٻاڙن مشتاق سامٽيومنظور سامٽيوارشاد سامٽيوذوالفقار سامٽيو جواد سامٽيو ۽ سجاد سامٽيواسان سان رڻ ٻاري ڏنو ان اسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٽنڊوباگو ۾ آئس نشي جي سرعام وڪري ۽ منشيات خلاف احتجاجي مظاهرو

عوامي تحريڪ جي شاگرد ونگ سنڌي شاگرد تحريڪ پاران سڄل هاليپوٽو، ذيشان قمبراڻي، انتظار قمبراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

شهر ۾ منشيات فروش سرعام آئيس وارو نشو وڪري ڪري شاگردن ۽ ٻين نوجوانن کي تباه ڪري رهيا آهن: سڄل هاليپوٽو

پوليس منشيات فروشن خلاف ڪوبه قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهي. اسان سمجهون ٿا ان عمل ۾ پوليس سنئون سڌو ملوث آهي

ٽنڊوباگو (رپورٽ:- سهيل سمون) ٽنڊوباگو ۾ آئس نشي جي سرعام وڪري ۽ منشيات خلاف عوامي تحريڪ جي شاگرد ونگ سنڌي شاگرد تحريڪ پاران سڄل هاليپوٽو ذيشان قمبراڻي، انتظار قمبراڻي، دانيال هاليپوٽو ۽ سروان هاليپوٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڏهرڪي سانڪو روڊ پرسان ڳوٺ

الهڏنو مهر ۾ ڳوٺاڻن جو احتجاج.

آروپلانٽ جو مطالبو

ڏهرڪي (رپورٽر) ڏهرڪي سانڪو روڊ لڳ ڳوٺ الهڏنو مهر ۾ جرجو پاڻي ڪوڙهجڻ ڪري ننڍا ٻار توڙي وڏا ماڻهون ڪيترائين بيمارين ۾ مبتلا آهن ڳوٺاڻن جو احتجاج آروپلانٽ جو مطالبو رحيم بخش گرگيج منظور احمد گرگيج الاهي بخش گرگيج آصف علي گرگيج ٻين ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته اسان هميشه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊوباگو: آئس نشي جي سرعام وڪري ۽ منشيات خلاف مظاهرو ڪيو پيو وڃي

قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ، سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي ۾ 13 هون ڪانووڪيشن

صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز ۽ پرو چانسلر يونيورسٽي سيد ضياءَ عباس شاهه رضوي مهمان خاص طور شرڪت ڪئي

يونيورسٽي مان ڊگريون حاصل ڪندڙن جو جوش ۽ جذبو ٻڌائي رهيو آهي ته هو مستقبل جي باري ۾ ڪيترا پرعزم آهن: اڳواڻ

پاڪستان جو مستقبل انجنيئرنگ جي شعبي سان وابسته آهي انجنيئرنگ جي تعليم سان ترقي جي حدڻ کي حاصل ڪري سگهجي ٿو

نواب شاهه (رپورٽ اي ڪي ڏاهري) قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ، سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي نوابشاهه جو 13 هون ڪانووڪيشن يونيورسٽي جي ملٽي پرپز هال ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز ۽ پرو چانسلر يونيورسٽي سيد ضياءَ عباس شاهه رضوي مهمان خاص طور شرڪت ڪئي ان موقعي تي منعقد ٿيل تقريب ۽ ميڊيا جي نمائندن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

بدين ۾ آءِ بي اي پاس پرائمري استادن پاران پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

استادن علي مراد خاصخيلي، نورجوکيو، عبدالله مهراڻپوٽو، سڄل جوڻيجو، محمد اختر ڳاڏاهي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ميرٽ تي ڀرتي ٿيل پرائمري استادن کي 10 مهينا گذرڻ باوجود اسان جون پگهارون جاري ناهن ڪيون ويون: مظاهرين

پرائمري استادن جون آئيڊيز ڪولي پگهارون جاري ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ اسان وزيراعلي هائوس اڳيان ڌرڻو هڻنداسين

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) نون ڀرتي ٿيل استادن پگهارون نه ملڻ جي خلاف سنڌ ٽيچرس ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي سڏ تي مظاهرو ڪيو پگهارون جاري ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب بدين ضلع ۾ 9 مئي 2022 تي ڀرتي ٿيل سوين نون استادن کي 10 مهينا گذرڻ جي باوجود پگهارون نه ملڻ جي خلاف سنڌ ٽيچرس ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جي سڏ تي بدين پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

بدين: آءِ بي اي ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوار احتجاج ڪندي

موهن جو دڙو تي سڄي

سنڌ ملڪ کان آيل ماڻهن

جو ميلو متل

ڏوڪري (رپورٽر) موهن جو دڙو تي سڄي سنڌ سميت ملڪ پاڪستان کان گهمڻ لاءِ ماڻهن جو قديم ماڳ موهن جي دڙي تي ميلو متل سنڌ جي قديم ماڳ موهن جي دڙي تي سنڌ جي مختلف ضلعن نوشهروفيروز سکر حيدرآباد ڪراچي گهوٽڪي خيرپور جيڪب آباد ڪشمور شڪارپور ميرپورخاص ٽنڊو آدم ٽنڊوڄام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٺٽو کان بسون نه هلڻ سبب رهواسي سوزوڪين ۾ جانورن سان گڏ سفر ڪرڻ تي مجبور بڻيل

سنڌ حڪومت سميت ضلعي انتظاميه به ڪو تُحرڪ ناهي ورتو نه ٿي وري ڪڏهن چونڊيل نمائندن ڪا سار لڌي

بسون صرف ٺٽو کان حيدرآباد جا مسافر کڻن ٿيون، جيڪي رستي جي ماڻهن کي کڻڻ لاءِ تيار ناهن: رهواسي

هتان جي رهواسين جي هن سفري سهوليتن ڏانهن ڪيرب ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

ٺٽو(ڀ) ٺٽو کان حيدرآباد روڊ تي مسافر بسون نه هلڻ ڪري وچ رستن جا رهواسي توڙي ڀڄيوال ماڻهون روڊ تي هلندڙ مسافر سوزوڪين ۾ جانورن سان گڏ سفر ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن. پر سنڌ حڪومت سميت ضلعي انتظاميه ٺٽو ۽ ٺٽو کان حيدرآباد روڊ تي مسافر بسون نه هلڻ ڪري وچ رستن جي رهواسين ڌانهيندي چيو آهي ته ٺٽو کان ڪوتُحرڪ ناهي ورتو. ان سلسلي ۾ ٺٽو کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٺٽي پرسان ٽينڪر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، 2 ڄڻا زخمي

حادثي سبب ڳوٺ جو رهواسي بخش ناهيو ۽ احمد ناهيو سخت زخمي ٿي پيا

واقعي جي بعد ڊرائيور فرار ٿي ويو، پوليس پاران سنڌس ڳولا جاري

ٺٽو (جاويد ميمڻ) مڪلي بائي پاس روڊ تي ٽينڪر ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ پير ڳوٺ جو رهواسي بخش ناهيو ۽ احمد ناهيو سخت زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال مڪلي پهچايو ويو جن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽڪراٽو ۾ پورهيت پراسرار بيماري ۾ مبتلا

غربت سنڌس علاج ۾ رنڊڪ گهرياتي سخت پريشان

سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائي زندگي بچائي وڃي: پورهيت

ٽڪراٽو (رپورٽ) ٽڪراٽو ۾ پورهيت پراسرار بيماري ۾ مبتلاغربت سنڌس علاج ۾ رنڊڪ گهرياتي سخت پريشان سنڌ سرڪار کان پورهيت جي علاج ڪرائڻ جي اپيل خبر موجب ٽڪراٽو جي بند ٻاڙي واسي پورهيت روشن علي مهتم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽڪراٽو: بيماري ۾ مبتلا پورهيت وارثن سان گڏ علاج جي اپيل ڪري رهيو آهي

محرابپور: شاهد سمي جي گهر تي فائرنگ جا وڏيڪ 2 جوابدار گرفتار

شاهد سمون جي گهر تي فائرنگ ڪندڙ ۽ گرفتار جوابدار باقر ٻرڙو کان آڏي پڇا جاري

جوابدارن کان پڇي رهيا آهيون هنن اهڙو ڪم ڇو ۽ ڪنهن جي چوڻ تي ڪيو آهي: پوليس

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) محرابپور شاهد سمي جي گهر تي فائرنگ جا وڏيڪ 2 جوابدار گرفتار، آڏي پڇا جاري محرابپور هائدرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

راڻيپور ۾ بد امني جي باهه نه وسامي سگهي، پوليس خاموش

القمر ڪالوني ۾ هڪ ئي رات ۾ نامعلوم چور ڪالوني جي سمورن گهرن مان چوري ڪري ويا

پوليس پهچي دڪانن جي مالڪن کي جلد ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور ۾ بد امني جي باهه نه وسامي سگهي القمر ڪالوني ۾ هڪ ئي رات ۾ نامعلوم چور ڪالوني جي سمورن گهرن جا دروازا بند لاڪ ڪري بي خوف ٿي چار دڪانن جا تالا ٽوڙي سامان ۽ روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا رپورٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊوباگو تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرجي کوٽ، مريض پريشان

شهر جا ماڻهو ڳري خرچ تي پرائيويٽ اسپتالن مان علاج ڪرائڻ لڳا

سياسي سماجي ادبي ڪاروباري مذهبي ڌرين پاران نوٽيس وٺڻ جي گهر

ٽنڊوباگو (رپورٽ: رفاقت جروار) ضلعي بدين جي مين تعلقه اسپتال ٽنڊوباگو ۾ ڪيتري وقت کان ڊاڪٽرن، نرسن، ڊاڪٽرياڻين، ليبارٽري ٽيڪنيشن، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊوباگو: تعلقه اسپتال جو ٻاهرين ڏيک

فقيرآباد کي نااهل ٽائون ايڊمنسٽريٽر پرويز وساڻ کنڊر بڻائي ڇڏيو

هر طرف گندگي جا ڍير، لکين رپين جي هر مهني بجيٽ غائب، اختياريون خاموش

شهر کنڊرات ۾ تبديل، صفائي سترائي جو نظام درهم برهم ڊرينج سسٽم تباهه

ڪنڌيجي (رپورٽر) تاريخي شهر فقيرآباد کي نااهل ٽائون ايڊمنسٽريٽر پرويز وساڻ کنڊر بڻائي ڇڏيو، هر طرف گندگي جا ڍير، لکين رپين جي هر مهني بجيٽ ڪوئيشن ورڪ ۾ 80 لک رپيا ڪاغذي ڪاروائي ۾ هڙپ، شهر کنڊرات ۾ تبديل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

پيپلزپارٽي سنڌ ۾ تباهي ڪري ڇڏي آهي: علي زيدي

ن ليگ اڳواڻ شڪيل جلباڻي دوستن سان صلاح مشورا ڪري شموليت بابت جواب ڏنو ويندو

شڪيل خان جلباڻي جي تحريڪ انصاف ۾ شامل ٿيڻ بعد ڀريا جو واڻ منڊل تبديل ٿيڻ جا امڪان

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جو صدر علي زيدي سينيٽر نائب صدر سردار شير محمد رند ۽ رئيس امام علي انڙ جلباڻي، مسلم ليگ ن اڳواڻ شڪيل خان جلباڻي جي ڳوٺ دريا خان جلباڻي واري رهائشگاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز: پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جو صدر علي زيدي ۽ ٻيا اڳواڻ ڳالهائي ڪندي

ڪنڊيارو: اڳوڻو ڊپٽي اسپيڪر ظفر علي شاهه پاران قتل ٿيل دڪاندار جي وارثن سان تعزيت

اڳوڻو ڊپٽي اسپيڪر ظفر علي شاهه وارثن کي قانوني طريقي سان هر ممڪن سهڪار جي خاطري ڪرائي

حاڪم بروهي جي ناحق قتل تي دلي صدمو پهتو آهي، جوابدارن کي سزا ڏيارائي ويندي: ظفر علي شاهه

ڪنڊيارو (رپورٽر) اڳوڻو ڊپٽي اسپيڪر سيد ظفر علي شاهه ڳوٺ مريد لاکو پهچي ۽ ڏينهن اڳ ڦر مزاحمت تي هٿياربندن هٿان قتل ٿيل دڪاندار حاڪم بروهي جي ڏڏي تي پهچي مقتول جي وارثن سان عذرخواهي ڪئي ۽ قتل جي مذمت ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دولتپور صفن پريس ڪلب جي عهيدارن کي مبارڪ ڏيڻ وارو سلسلو جاري

محمد صديق جوڻيجو محمد حنيف جوڻيجو عبدالحميد جوڻيجو ۽ ٻين مبارڪون ڏنيون

جي ايم جوڻيجو عرفان چنا سردار رسول بخش انڙ مختيار حسين انڙ ۽ ٻين کي هار پارايا ويا

دولت پور صفن (رپورٽر) نيشنل پريس ڪلب دولت پور جي چونڊ يل نئين باڊيءَ کي حلف ڪٺائڻ واري تقريب بعد مبارڪون ڏيڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي ان حوالي سان جوڻيجا ويلفيئر آرگنائيزيشن شهيد بينظير آباد جي اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

مانجهند تعلقي جي ايس يو پي اڳواڻن جو اهم اجلاس

زين شاهه جي قيادت ۾ لانگ مارچ قافلي جو آمري پل تي شاندار استقبال جون تياريون مڪمل

انڊس هاءِ وي جي بس اسٽاپن کي جهنڊن سان سينگارڻ جو سلسلو جاري آهي: اڳواڻ

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند تعلقي جي ايس يو پي اڳواڻن جو اهم اجلاس پهرين مارچ تي زين شاهه جي قيادت ۾ لانگ مارچ قافلي جو آمري پل تي شاندار استقبال جون تياريون جهنڊا مهم جاري تفصيل موجب مانجهند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

مانجهند: ايس يو پي اڳواڻ ڳالهائي ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز پرسان برسات ۾ ڀي گهرٿيل خاندانن لاءِ 350 گهر تعمير ڪرائڻ سميت سامان تقسيم

باب العلم فائونڊيشن يو ڪي پاران ضلعي جي 27 ڳوٺن 350 گهر تعمير ڪرڻ سان گڏ ضروري سامان ورهايو ويو

برسات سبب سڀ ڪان وڌيڪ نوشهرو فيروز متاثر ٿيو آهي اسان ڀهريو دورو ڪيو ته تمام گهڻو پاڻي بيٺل هو: اڳواڻ

ڪوشش رهندي ته فائونڊيشن جي بنياد تي فنڊ گڏ ڪري وڌيڪ گهر تعمير ڪرايون. انسان ذات جي خدمت هڪ عبادت آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهرو فيروز ۾ سماجي تنظيم باب العلم فائونڊيشن پاران برسات ۾ ڀي گهرٿيل خاندانن لاءِ 350 گهر تعمير ڪرائڻ سان گڏ سنڌن سولر پيلٽين، پنکا، بيٽريون، ڪپڙا، راشن، روڪ رقم ۽ ٻيو ضروري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز: باب العلم فائونڊيشن جا اڳواڻ ٻئي طرف تعمير ٿيل گهر نظر اچي رهيا آهن

ڪنڌرا ۾ معصوم ٻارڙن کي

قيدي بڻائڻ وارو معاملو وارثن

پاران احتجاج جاري

ڪنڌرا (رپورٽر) ڪنڌرا ماڙي جان الله شاهه ۾ معصوم ٻارڙن کي قيدي بڻائڻ وارو معاملو وارثن جو احتجاج ٻئي ڏينهن ۾ جاري اداره تعليم و آگاهي (سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن) پاران يرسي روشن آباد جي ڳوٺ ماڙي جان الله شاهه ۾ قائم اسڪول انتظاميه يوسي ڪوآرڊينيٽر سيف الله سومرو معصوم شاگردن کان اسڪول تبديل ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

غوثپور ۾ تبليغي جماعتن سان ڀريل ڪوچ موٽرسائيڪل سوار کي بچائيندي ڪلٽي، 2 فوت

ڪوچ ڪلٽي ٿيڻ سبب مسافرن جي دانهن ۽ ڪوڪن تي ڀرپاسي جي هوٽلن ۾ ويٺل ڳوٺاڻن پهچي گاڏي مان مسافرن کي ڪڍيو

حادثي جي زخمين ۾ حاجي شهمور جعفري- هارون راجپوت- صابر حسين- گل خان- سراج دين- عابد شاهه- عبدالقادر ۽ ٻيا شامل

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر پرسان مشن انڊس هاءِ وي تي ڳوٺي لاڙو اسٽاپ واري علائقي ۾ شڪارپور ڪان راڻ ونڊ جماعتن سان ڀريل ڪوچ موٽرسائيڪل سوار کي بچائيندي ڪلٽي ٿي پئي ڏه کان وڌيڪ مسافر زخمي ۽ فوت پنجاب جي علائقي راءِ ونڊ تبليغي ڏانهن تبليغ لاءِ ويندڙ مسافر ڪوچ غوثپور پرسان ڪلٽي ٿي پيئي ڪوچ ڪلٽي ٿيڻ سبب مسافرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٽنڊو باگو ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ جو هنگامي اجلاس، اڳواڻن جي شرڪت

اجالس ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ بدين جو صدر حبيب ڪلوئي، سريش ڀيل، رشيد هاليپوٽو ۽ ٻين شرڪت ٿي

سنڌي شاگرد تحريڪ جي ڪارڪن کي اغوا ڪري تشدد ڪندڙ جوابدارن کي فورن گرفتار ڪرڻ جو مطالبو

جوابدارن خلاف اغواءِ حراسمينٽ جي ايف آءِ آر داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي: اڳواڻ

ٽنڊوباگو (رپورٽ:- سهيل سمون) سنڌي شاگرد تحريڪ جي ڪارڪن کي اغوا ڪري تشدد ڪندڙ جوابدارن کي فورن گرفتار ڪريو سنڌي شاگرد تحريڪ جو هنگامي اجلاس ۽ مطالبو خبر موجب: ڊيڻي شهر لڳ ڳوٺ محمد حسن رستماڻي ۾ شادي خان رستماڻي، علي احمد، علي محمد، نورحسن ۽ ٻين ڪامريڊ رمضان رستماڻي جي پٽ 11هين ڪلاس جي شاگرد نعمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽنڊوباگو: سنڌي شاگرد تحريڪ جا اڳواڻ ڳالهائي ڪري رهيا آهن

مڪلي ترڪش ڪالوني جي

رهواسي پاران احتجاج، واهر

ڪرڻ جي اپيل

ٺٽو (رپورٽ) مڪلي ترڪش ڪالوني جي گهر نمبر 833 جي رهواسي پيرسن محمد يعقوب ولد الهرکا مڪلي تي صحافين اڳيان داتهيندي الزام هڻندي چيو آهي ته مون ترڪش ڪالوني ۾ 2 گهر نمبر 1330 ۽ 835 خريد ڪيا آهن. جنهن جا دستاويز خريد ڪرڻ جون ايگريمينٽون به مون وٽ موجود آهن. هن الزام هڻندي چيو ته ڪجه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سيد ۽ بابا جي روايت تي هلندي ڪورٽن ۾ ٻيٺا آهيون: صنعان قريشي

20 مارچ تي سنڌي قوم کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي اڳڻ تي گڏ ٿي جدوجهد ڪرڻ جو سڏ ڏيان ٿو

ڊجيٽل آدمشماري، سنڌو درياهه جو رخ موڙڻ، ڌاري آبادي، مهانگائي، لاقانونيت وڌي وئي آهي

حڪمرانن مهانگائي، بدامني، لاقانونيت تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهن. غريب پريشان آهن

ڪراچي (رپورٽر) جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي بحريا ٽائون ڪيس ۾ اي ٽي سي 15 ان سائيڊ ڪورٽ سينٽرل جيل ڪراچي پيش سنڌ سان عشق جي ڏوهه ۾ سيد ۽ بابا جي روايت تي هلندي ڪورٽن ۾ ٻيٺا آهيون. ڊجيٽل آدمشماري، سنڌو درياهه جو رخ موڙڻ، ڌاري آبادي، مهانگائي، لاقانونيت وڌي وئي آهي. 20 مارچ تي سنڌي قوم کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي اڳڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

مٺيائي ۾ معزز غلام سرور سومرو پاران والدين جي ايصال ثواب ميڊيڪل ڪئمپ قائم

ڊاڪٽر غلام مجتبا سوهو، آپٿو ميٽرسٽ ڊاڪٽر علي بخش لغاري، جنرل فزيشن ڊاڪٽر جاويد احمد سومرو ۽ ٻين چڪاس ڪئي

ڊاڪٽر محمد نصرالله سابقي، دل، جگر، معده، شگر جو ماهر ڊاڪٽر ٽانور داس 1000 مريض جو چيڪ اپ ڪيو ۽ مفت دوائون ڏنيون

بنا ڪنهن ذات پات رنگ ۽ نسل جي ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي ٻي پهچ ماڻهن کي صحت جون سهولتون ڏني رهي آهي: ڊاڪٽر

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ايليمينٽري ڪاليج مٺيائي ۾ معزز شخصيت غلام سرور سومرو پاران پنهنجي والدين جي ايصال ثواب خاطرهڪ ڏينهن جي مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ اڪين جي بيمارين جو ماهر ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهروفيروز: مٺيائي ۾ معزز غلام سرور سومرو پاران والدين جي ايصال ثواب ميڊيڪل ڪئمپ قائم

سيرائي پرسان ڳوٺ الهرکيو

جت جو پرائمري اسڪول ٽن

مهينن کان بند

سيرائي (ڊ ر) سيرائي پرسان يونين ڪائونسل دودو سومرو جي ڳوٺ الهرکيو جت جي سرڪاري پرائمري اسڪول گذريل ٽن مهينن کان بند پيل آهي سوين شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳل مستقبل جا معمار تعليم جهڙي زيور کان محروم بڻيل شاگردن اسڪول اڳيان احتجاج ڪندي چيو آهي اسان جي اسڪول تي استاد مقرر اسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

گورنر سنڌ کي ايم سي بي آءِ بي گرائونڊ ۾ منعقد ڪيل رانديون واري هفتي کي مثالي قرار ڏئي ڇڏيو

ايڊمنسٽريٽر سيد شڪيل احمد ضلعي اوپر ۾ ترقياتي ڪمن سان گڏ شاندار تقريبون منعقد ڪري رهيو آهي: گورنر سنڌ

توهان گورنر هائوس ۾ هڪ ڏينهن مهمان هوندا. جنهن ۾ توهان کي سڄي گورنر هائوس جو دورو پڻ ڪرايو ويندو

مان جڏهن کان سنڌ جو گورنر بڻيو آهيان مختلف پروگرامن ۾ شرڪت ڪئي آهي پر اج جو پروگرام تمام گهڻو وڻندڙ رهيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري ڊي ايم سي ايسٽ پاران ڪي ايم سي بي آءِ بي گرائونڊ ۾ منعقد ڪيل رانديون واري هفتي کي مثالي قرار ڏيندي چيو آهي ته ايڊمنسٽريٽر سيد شڪيل احمد ضلعي اوپر ۾ ترقياتي ڪمن سان گڏ شاندار تقريبون منعقد ڪري رهيو آهي هن اتي موجود هزارين شاگردن، استادن ۽ ٻين کي رمضان المبارڪ ۾ گورنر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو ۾ سول جج جوڊيشل مئجسٽريٽ 2 پاران شهر جي مختلف علائقن جو دورو

شهر جي مختلف پمپنگ اسٽشن تي پهچي شهر جي گندي پاڻي نيڪال ٿيڻ بابت جاچ ڪئي

پمپنگ اسٽشن تي ڏينهن رات بجلي ناهي جو گندو پاڻي نيڪال ٿي سگهي: ميونسپل ايڊمنسٽريٽر

بجلي فراهم ڪري شهر جي فيڊرن تي هلايون وڃن ۽ مختلف روڊن تا بجلي جا پول هٽايا وڃن: سول جج

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو شهر ۾ صفائي جي ناقص ڪارڪردگي ۽ روڊن جي مرمت نه ٿيڻ جو ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج دادو مراد علي ميمڻ جي هدايت تي سول جج جوڊيشل ميجسٽريٽ 2 دادو ارشاد علي خاصخيلي ميونسپل ڪاميٽي روڊس سپروائيزر پبلڪ هيلٿ اينٽي انڪروچمينٽ پوليس ڪاٽن جي آفيسرن سميت پوليس کي ساڻ ڪري شهر جي مختلف بازارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو: سول جج جوڊيشل مئجسٽريٽ مختلف علائقن جو دورو ڪندي

روينيو ڊپارٽمينٽ هر حوالي

ايمرجنسي جي بنياد تي اڳيرو

آهي: اياز حسن مشوري

سامارو (رپورٽر) 2022 جي ٻوڏ ۾ تعلقي سامارو جي متاثر ٿيل عوام جي گهرن سميت چوپائي مال جي نقصان جي حوالي سان پاڪ فوج جي نگراني ٿيل گهر گهر سروي مهم ۾ تعلقي سامارو جي روينيو ڪاتي جي عملدارن پاران پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندڙ روينيو ڪاتي جي عملدارن جي حوصلاافزائي لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سجاول: ڊپٽي اسپيڪر سنڌ ريحانه لغاري سول اسپتال جو اچانڪ دورو، انتظاميه ۾ ٽرٽلو

غائب ڊاڪٽرن جا تفصيل ورتا ويا ۽ اسپتال جي مختلف وارڊن ۾ داخل مريضن کان دوائن ۽ سهولتن بابت پڇاڻو ڪيو

مونکي ڪيرنه ٿو مڃي، ڪلارڪ نصيب الله ميمڻ ۽ ڪلارڪ حنيف عمراڻي اسپتال جا ڪرتا ڌرتا آهن: ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شهناز خواجه

اسپتال تي 40 ڊاڪٽر مقرر ٿيل آهن پر چند ڊاڪٽرن کان سواءِ ڪيرب ڊيوٽي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي، سڀ بااثر ڊاڪٽر آهن

سجاول (ڊ ر) ڊپٽي اسپيڪر سنڌ ريحانه لغاري سول اسپتال سجاول جو اچانڪ دورو ڪيو. انتظاميه ۾ ٽرٽلو غائب ڊاڪٽرن جا تفصيل ورتا ويا ۽ اسپتال جي مختلف وارڊن ۾ داخل مريضن کان دوائن ۽ سهولتن بابت پڇاڻو ڪيو. ڊپٽي اسپيڪر سنڌ ريحانه لغاري اچانڪ بنا پروٽول جي سول اسپتال سجاول پهچي وئي. اسپتال جي ايمرجنسي وارڊن ۾ داخل مريضن کان دوائن جي ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
آچر 26 فيبروري 2023ع

سا سِڱَ ساريائون، الف جنهن جي اَڳ ۾؛
"لاَ مَقصُودَ فِي الدَّارَيِن" اِن پر اُتائون؛
سَگُرَ سوٽائون، ٿيا رَسِيلا رحمانَ سين.

ڏوهارين سان سردارن جو ڳنڍجوڙ

سنڌ ۾ امن امان جو مسئلو ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي، هاڻي ته حالت اتي وڃي پهتي آهي جو عدالتن ۾ به سنڌ جي امن امان واري صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪئي ٿي وڃي. [illegible]

آفيسر پنهنجي فيمليز سان انهن علائقن ۾ وڃي سگهن ٿا جتي عام ماڻهو سفر ڪن پيا. ان تي وڪيل قربان ملانو چيو ته جيڪي سردار پوليس آفيسرن جي پوسٽنگ ڪرائيندا ته پوءِ اهي آفيسر انهن ۾ هٿ ڪيئن وجهندا. سردار، ايم اين اي، ايم پي اي ۽ ڏوهاري هڪ پيج تي آهن. تڏهن ته ڏوهارين وٽ جديد هٿيار اچن پيا جيڪي پوليس وٽ به ناهن. ايس ايس پي سياسي ماڻهن جي بنگلن تي وڃي ڊڪٽيشن وٺندا ته پوءِ امن ڪٿان ٿيندو. ان تي جسٽس صلاح الدين پنهور چيو ته جيڪڏهن ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ آزاد ٿي ڪم ڪرڻ چاهي ته ان کي ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن پوليس آفيسر بيوس آهن ته پوءِ ڪين هيليڪاپٽر ڏجي تڏهن به اهي ڪجهه نه ڪري سگهندا. جسٽس صلاح الدين پنهور رمارڪس ۾ چيو ته ڏوهاري ڪلچر 1996ع کان پوءِ طاقتور ٿيو آهي. ان تي ايس ايس پي گهوٽڪي تنوير تنيي ٻڌايو ته ملٽري ليول جا هٿيار ملن ته اٺون ذميواريءَ سان چوان پيو ته ڏوهارين کي قابو ڪري وٺنداسين. جيڪڏهن ايئن نه ڪري سگهيس ته استيعفي ڏئي ڇڏيندس. جسٽس صلاح الدين پنهور رمارڪس ڏيندي چيو ته سرڪار جو خرچ ڪرائڻ بدران 2 کان 10 سردار جيڪي ڏوهارين سان رابطي ۾ هجن، ڏاڙيلن جي سرپرستي ڪندڙ هجن انهن کي گرفتار ڪري جيل ۾ وجهو ته پاڻ ئي ڏوهاري گرفتاري پيش ڪندا. جديد هٿيار وٺڻ جي پهچ ڏوهارين جي ناهي، ان ۾ سردار ملوث آهن. سنڌن رابطن کي ٽيڪنيڪل بنيادن تي واڇکو ڪيو وڃي. عدالت ۾ معزز ججن جا ريمارڪس، وڪيلن جا دليل ۽ آفيسرن جي موقف مان اها ڳالهه ته واضح ٿئي ٿي ته صورتحال جي سنگيني جو اندازو سڀني کي آهي ۽ ان جي سببن جي به خبر آهي. ڏوهه ۽ ڏوهارين جي خاتمي لاءِ جيڪي قدم کڻڻ گهرجن رڳو اهي نه ٿا کنيا وڃن.

اسان سمجهون ٿا ته پوليس جن هٿيارن سان اهڙن ڏوهارين جي سامهون آهي جن کي سياسي مدد سميت جديد هٿيار ملندا هجن ته انهن جو خاتمو ممڪن نه ٿو لڳي. تنهن ڪري انهن سردارن خلاف قدم کڻي جديد هٿيارن جي رسد جي پائيپ لائين ڪاٽي وڃي ته اهي ڪمزور ٿيندا. انهي لاءِ سنڌ پوليس کي سنڌ حڪومت جي مڪمل سهڪار جي ضرورت پوندي ۽ ڪين اها مدد ملڻ گهرجي.

گاج بند رٽا، غير معياري ڪم ۽ امڪاني نقصانن جو خدشو

محمد اسماعيل

چار ارب رپين جي مختص ٿيل رقم جي لاڳت سان ڪاڇي جي جابلو ندي گاج جي وهڪرن سان تباهه ٿيل (گاج بند) جو ڪم گذريل پندرنهن مهينن کان ڏڪو پير پيران وري رفتار سان شروع ڪيو ويو. اگرچ دنيا جي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ ڪنهن منصوبي لاءِ ايڏي وڏي رقم مختص ٿي هجي ها ته شايد وقت کان اڳ مڪمل ٿيل هجي ها پر اسان جي ملڪي ادارن کي ڪرپشن جي حوس ايترو ته انڌو گونگو ٻوڙو ڪري ڇڏيو آهي جو انهن کي صرف ترقياتي منصوبن مان پئسو ٺي ڪمائڻو هجي ٿو نه ڪي عوام جي جانين مال جو تحفظ ڪرڻ هجي ٿو پوري ملڪ اندر برساتي ٻوڏ هرسال ته نه ايندي آهي پر ڪاڇو اهو علائقو آهي جتي گاج ندي هرسال سانوڻي جي موسم ۾ پوري علائقي جي سوين ڳوٺن کي پنهنجي پاڻي جي خطرناڪ وهڪرن جي لپيٽ ۾ آڻي سنڌن سڀ ڪجهه تباهه ڪندي رهي آهي جنهن جو اصل سبب آهي گاج ڊائيوريشن بند جو مڪمل طرح تباهه هجڻ گاج ندي جي تمام تيز ترين وهڪرن کي تقسيم ڪرڻ ۽ اسپيڊ کي ٽٽو ڪرڻ لاءِ پٿرن جي پچنگ ۽ ديوار سان گڏ هڪ بند ڏنل آهي جيڪو سن 40 واري ڏهاڪي کان پهرين جو ڏنل آهي انگريز سرڪار ته سنڌ حڪومت کي ڪاڇي ۾ انسانن جي جانين جي تحفظ خاطر هي بند ناهي ڏئي وئي پر چون ٿا ته سن 47ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن برساتن دوران هي بند ٽٽو آهي اڄ تائين وفاقي حڪومت، آبپاشي کاتي سنڌ هن گاج بند جا اربين رپيا کائي چٽ ڪيا پر هي بند ناهي ناهن سگهيا غور طلب ڳالهه اها آهي ته چا چار ارب رپيا صرف صرف ڪرپشن جي لاءِ رکيا ويا هئا ايتري وڏي رقم رکڻ جي باوجود پندرنهن مهينن کان گاج بند جو ڪم مڪمل ڇو نه ڪيو آخر هزارين ماڻهن سان هن سرڪاري دشمني جي دانهن ڏجي ته ڪنهن ڏجي آبپاشي کاتي سنڌ حڪومتي بيحسي مان بلڪل اندازو ٿي رهيو آهي ته ڪاڇي کي ايندڙ سال به سانوڻي ۾ ٻوڙيو ويندو بند نه ٺهڻ جو ڪاڇي جي هزارين ماڻهن کي ڪو فائدو پلئه نٿو پوي پريقين سان اهو چئي سگهجي ٿو گاج بند منصوبو آبپاشي کاتي سميت تڪ جي چونڊيل نمائندن لاءِ سوني جهرڪي مثل آهي چوجو ڪاڇو ٻڏندو ته نه روڊ ٺهندا نه فصل ٿيندا نه اجها اڏبا غريبن جا گهر لڙهندا، مال متاع مرندو، سرڪار سگهوري جي ڪمائي جا در وري کلندا. ڪاڇي جي هزارين رهواسين جي زندگين جو چار ارب رپين جي رقم تحت سودو ڪيو ويو آهي رقم رليز ٿيڻ ڪانپوءِ به جيڪڏهن گاج بند جو ڪم مڪمل نه ڪيو ويو ته اها سنئين سڌي سنڌ سرڪار آبپاشي کاتي جي عوام دشمني چئبي هي خطرناڪ منصوبو جتي وفاقي حڪومت، سنڌ سرڪار ۽ آبپاشي کاتو هر سال ان جي مرمتي ڪم جي آڙ ۾ لکين رپيا هضم ڪري ٿو ۽ علائقي جي لکين ماڻهن کي ڪروڙين رپيا نقصانن ۾ وجهي ٿو ۽ ان جا سبب اهي آهن هي منصوبو سرڪار لاءِ ڪمائي جو چڱو وسيلو بڻجي ويو آهي پر ذڪران ڳالهه جو ڪجهي ٿو ته جيڪڏهن سرڪار کي ڪرپشن ڪري پئسو ڪمائڻو آهي ته پوءِ اهو گاج بند جي مرمت جي صورت ۾ ڇو اهڙا ٻيا به ڪوڙ پروجيڪٽ هوندا جتي سرڪاري عملدار جهجهي ڪرپشن ڪري پئسو ڪمائي سگهن ٿا اربين رپين جي منصوبن کي عوام جي فلاح بهبود ۽ انهن جي تحفظ خاطر جوڙڻ بجاءِ سرڪار ۽ ڪامورا جيڪڏهن پنهنجون ملڪيتون ناهيندا رهيا ته اسان ترقي بجاءِ تباهي طرف وڌندا وينداسين هن وقت بند جهڙي نموني تباهه ٿيل آهي نٿو لڳي ته مختصر عرصي ۾ مرمتي ڪم مڪمل ٿي سگهي سوال ٿو پيدا نٿو ٿئي ڪم مڪمل ٿيڻ لاءِ تمام گهڻو وقت درڪار آهي ۽ افسوس آ انتظامي نااهلي تي ته هن وقت تائين گاج بند جي تيرپت جو ڪم جيڪو چار هزار فُٽ تائين مڪمل ڪرڻو اهو صرف ٻه سئو کان ٽي سئو فُٽ تائين ڪيو ويو آهي جيڪا پيڙهه کان مٿي نه نڪري سگهي آهي ڪم گهڻو آهي بس سرڪار جي لاپرواهين تي ٿي حيرت ٿي رهي آهي ته آخر ڪاڇي سان هي دشمني ختم ڪڏهن ٿيندي جيڪا هڪ افسوس زده ڳالهه آهي سو سرڪار جي هن لاپرواهي ۾ امڪاني ٿيندڙ نقصانن جي ذميوار آبپاشي انتظاميه کاتي جا ڪامورا ۽ مرمتي ڪم ڪرائيندڙ ڪمپني جا ٺيڪيدار سروئير انجنيئر داروغا ملوث آهن جيڪي نٿا چاهين ته گاج بند جهڙو منصوبو ترت مضبوط ۽ مڪمل ٿئي ۽ اسانجي ڪمائي بند ٿئي سو سنڌ سرڪار سميت تمام ذميوار اختيارين آبپاشي کاتي ۽ گاج بند جي ٺيڪيدارن جي ڪرپشن کي فوري طور پنجو ڏئي ڪاڇي جي هزارين ماڻهن جو اهڙي نموني سستو سودو ٿيڻ کان بچائي لکين انسانن جي زندگين سان کيڏڻ بند ڪيو وڃي ۽ ايندڙ سانوڻي کان پهرين گاج ڊائيوريشن جهڙي هن خطرناڪ رٽا کي فوري طور مڪمل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سپريم ڪورٽ سميت تمام اعلي اختيارين کي ڪاڇي جي هزارين ماڻهن جي زندگين بچائڻ خاطر گاج بند ۾ ڪرپشن ڪندڙ آبپاشي کاتي ۽ ٺيڪيدارن خلاف پاٽمرادو ائڪشن کڻڻ گهرجي جيئن ڪاڇو ايندڙ سانوڻي جي ٻوڏن کان محفوظ رهي

******

"تعليم کي پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش نه ڪريو"

)محمد افضل ڪلهوڙو

هن جديد دؤر ۾ ڏنو وڃي ته ڀهراڙين ۾ اڃا به سهولتن جي کوٽ آهي نه ئي چڱي طرح روڊ رستا نه ئي اسپتالن ۾ صحت جون سهولتون آهن انفرااسٽرڪچر تباهه بجلي اٺ ڏينهن غائيب گئس جي سهولت کان ڪيترائي ڳوٺ وانجهيل نظر اچن ٿا پيئڻ لاءِ مٺي پاڻي جي اڻ هوند جتي گئس جي سهولت اتي لوڊ شيڊنگ جو آزار تازن برساتن ۽ ٻوڏن ڳوٺن جو نقشو ئي تبديل ڪري ڇڏيو ڪيترائي اسڪول ٻوڏ سبب زبون حالي جو شڪار ٿي ويا اتي تعليمي ماحول متاثر ٿيو آهي ڪٿي پڌري پٽ تي ته ڪٿي خيمن ۾ تعليم جاري رکي وئي هڪ ته مهانگائي ۽ بيروزگاري ماڻهن جي چيلهه چٻي ڪري ڇڏي ماڻهون به ويلا ماني کائڻ لاءِ مجبور آهن نه رڳو غريبن جا گهر متاثر ٿيا آهن اتي استادن جا به گهر زبون حالي جو شڪار آهن غريب توڙي پرائمري استادن جي چلهه ڪئين ٿي ٻري سو جيڪي ڦرٽين ڪرسين تي ويٺل آهن انهن کي ڪهڙي خبر هوندي ته ماضي ۾ تعليم تي ڪيترائي تجربا ٿيا آهن جيئن هفتي ۾ به موڪلون گهڙين کي اڳتي پوئتي ڪري هڪ ڪلاڪ ٽائيم کي اڳتي وڌائڻ وجيلنس ڪميٽيون خدمت ڪميٽيون روينيو کاتي جا آفيسر مقرر ڪرڻ بايو ميٽرڪ سسٽم مانيٽرنگ آفيسر چيف مانيٽر صاحب اڃا به استادن کي پريشان ڪرڻ ۽ تعليم کي پوئتي ڪرڻ لاءِ ايپ متعارف ڪرايو ويو آهي ته جيئن استاد تنگ ٿي کاتي کي الوداع ڪن اڃا ته ٽرائيل بيس آهي اڳتي الائي ڇا ٿيندو ۽ استاد برادري اڳ ئي پريشان انهن جي پريشانين کي وڌائڻ لاءِ اضافو ڪيو ويو آهي ڇا ايپ جي اچڻ سان استاد پنڃوئل ٿي ويندا ايپ کي هفتي کان مٿي ٿي ويو آهي استاد جيئن ئي اسڪول پهچن ٿا ته اهي پنهنجي حاضري لڳائڻ لاءِ يا اسڪول جي ٻاهر آهن يا وري اسڪول جي ڇتن يا ٽنين ۽ وڻن تي چڙهيل نظر اچن ٿا سؤ يا ٻه سؤ ميٽر اسڪول کان پري وڃن ٿا جنهن جي ڪري نه ئي اسيمبلي ٽائيم تي ٿئي تي نه ئي ٻهريان پيرڊ هلن ٿا جيڏي مهل موبائل تي پريزنٽ لڳي ڀهراڙي ۾ آءِ ٽي I.T جون سهولتون نه هجڻ جي ڪري نيٽ ورڪ نه هجڻ جي ڪري ڪافي دشواريون درپيش اچي رهيون آهن استادن کي پڙهائي تي توجهه گهٽ ۽ پنهنجي نوڪري بچائڻ جو فڪر لاحق آهي ڇاڪاڻ ته استاد اسڪول ۾ موجود هجڻ جي باوجود غير حاضر ٿيڻ جو خوف طاري آهي جنهن جي ڪري تعليم کي اڃا به ڇيهو رسندو تنهن ڪري گذارش ته جتي ڀهراڙين ۾ نيٽ ورڪ جو پرابلم آهي اتي ڊوائس ڏني وڃي ۽ استادن کي پريشاني مان آزاد ڪيو وڃي تعليم کي بچايو وڃي

هن جديد دؤر ۾ ڏنو وڃي ته ڀهراڙين ۾ اڃا به سهولتن جي کوٽ آهي نه ئي چڱي طرح روڊ رستا نه ئي اسپتالن ۾ صحت جون سهولتون آهن انفرااسٽرڪچر تباهه بجلي اٺ ڏينهن غائيب گئس جي سهولت کان ڪيترائي ڳوٺ وانجهيل نظر اچن ٿا پيئڻ لاءِ مٺي پاڻي جي اڻ هوند جتي گئس جي سهولت اتي لوڊ شيڊنگ جو آزار تازن برساتن ۽ ٻوڏن ڳوٺن جو نقشو ئي تبديل ڪري ڇڏيو ڪيترائي اسڪول ٻوڏ سبب زبون حالي جو شڪار ٿي ويا اتي تعليمي ماحول متاثر ٿيو آهي ڪٿي پڌري پٽ تي ته ڪٿي خيمن ۾ تعليم جاري رکي وئي هڪ ته مهانگائي ۽ بيروزگاري ماڻهن جي چيلهه چٻي ڪري ڇڏي ماڻهون به ويلا ماني کائڻ لاءِ مجبور آهن نه رڳو غريبن جا گهر متاثر ٿيا آهن اتي استادن جا به گهر زبون حالي جو شڪار آهن

چيو ته باچا خان، عبدالصمد خان اڇڪزئي، نواب نوروز خان، عطاءُ الله مينگل، غوث بخش، جي ايم سيد، حيدر بخش جتوئي، جام ساقي سميت ڪيترن ئي اڳواڻن کي ترهان قيد ڪيو. ترهان انهن جون جوانيون ڦري ڇڏيون. انهن جو ڏوهه اهو هو ته اهي ترهان کي سڌو رستو ڏيکاري رهيا هئا ته ائين ملڪ نه هلندو، ائين قومون ترقي نه ڪنديون، جمهوريت ائين مضبوط نه ٿيندي، پارليامينٽ مضبوط نه ٿيندي. اوهان شيخ مجيب کي غدار غدار چوندا رهيا، هن مٿان ڪوڙا ڪيس ڪيا پر عدالتن ۾ ثابت نه ڪري سگهيا. جنرلن چيو هو ته بنگالين کان جان ڇڏايو، پر ايوب، يحيٰ ۽ جنرل نيازي جي لاءِ ڪا سزا مقرر نه ڪئي. هن چيو ته بلوچن جي بندوقن سان پاڪستان ٽٽي سگهيو ٿي ته بلوچستان جي اسڪولن ۾ پاڪستان جو جهنڊو نه هجي ها، اڄ بلوچ نوجوان شهيد ٿي رهيا آهن. اسان چئون ٿا بلوچ پاڪستان نه ٽوڙي رهيا آهن. هن چيو ته سنڌ جي ماڻهن ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ 10 هزار ماڻهن جي قرباني ڏني. انهن جو نعرو پاڪستان ٽوڙڻ نه پر پارليامينٽ جي مضبوطي ۽ جمهوريت زنده باد هو. سنڌ جي نوجوانن جا ڇچريل لاش گهرن ۾ پهچي چڪا آهن. هن چيو ته اوهان جنرل باجوا ۽ جنرل فيض کي ڪنهڙي ۾ چرنٿا بيهاريو عمران خان جا سمورا اسڪينڊل ڪوليو ۽ عوام کي ٻڌايو. پردا نشين پردو رکڻ بند ڪن. هن چيو ته لکين روپين جا سوٽ، جوتا پائيندڙ ۽ پرس کڻي گهمندڙ حڪمران جماعتن جا ماڻهو ڪيئن پاڪستان مان ڪرپشن ختم ڪندا. عوام سان گڏ رکي ماني کائو. ڪرپشن ڪندڙ جج، جنرل، سياستدان، ڪامورن، سرمائيدارن ۽ جاگيردارن کي ڦاهي تي چاڙهڻو پوندو. هن چيو ته 75 سالن دوران جن ماڻهن جا ترهان قرض معاف ڪيا آهن انهن مان رڳو ملڪ رياض، عليم خان، جهانگير ترين جهڙين 10 هزار ماڻهن جي لسٽ تيار ڪري انهن کان قرض واپس وٺي ملڪ تان اربين روپيا ڊالرن جو قرض لاهي سگهو ٿا. هن چيو ته سنڌ ۾ ملڪ رياض سان گڏ بحريا ٽائون پيا ناهين. هي سنڌ جي ماڻهن جي لاءِ ڪجهه ڪري ئي نٿا سگهن. هن چيو ته مون ڪوشش ڪئي ته سنڌ ۾ قومپرستن جو پارلياماني محاذ ٺهي، پر ڪن پردي نشين کي ڊاڪٽر قادر مگسي جون خدمتون قبول نه پيون ۽ قومپرستن جو اتحاد نه ٺهيو پر مون هاڻ پنهنجي حڪمت تبديل ڪئي آهي. جيڪو گڏ سياست ڪرڻ چاهيندو ان کي گڏ کڻبو. باقي جنهن کي جي ڊي اي سان سياست ڪرڻ آهي اهو وڃي انهن سان سياست ڪري، ڪنهن کي ميار به نه ڏينداسين. هاڻ اسان هڪ نئون پارلياماني فورم جوڙڻ وڃون پيا. ان فورم ۾ پورهيتن، رسول بخش پليجي جي سائين، شهيد ٻٽو جي انهن سائين کي گڏ ڪنداسين جن ايم آر ڊي جي شهيدن جي خون سان سودو ناهي. سردار شاهه ميلن، ملاڪڙن کان پري رهندڙ اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن کي گڏ ڪري نئون پارلياماني فورم ناهينداسين. هن چيو ته يونيورسٽين ۾ غنڊا ۽ ڪرپٽ وائيس چانسلر مقرر ٿيل آهن. لکين روپيا پگهارون کڻندڙ استاد اسان جي ٻارن کي نٿا پڙهائين. ناميارو ڪهاڻيڪار ۽ ليکڪ نور الهديٰ شاهه چيو ته سنڌ هن وقت ڏکئي وقت مان گذري رهي آهي. ان ڏکي صورتحال مان سنڌ کي ڪڍڻ جا اڄ واعدا ڪريون. سنڌي ٻوڏ جي پاڻي مٿان ويهي ٺڌڪا ٿي مري رهيا آهن. آدمشماري ۾ سنڌ جي ماڻهن کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ٿي رهي آهي. ماضيءَ ۾ سنڌين جي شهرن تي قبضا ڪرڻ جي لاءِ سنڌين کي لڏايو ويو. قبرستانن تي قبضا ڪيا ويا، ان ڪري هاڻ وقت اچي ويو آهي ته اسان سنڌ دوستن کي ايوانن ۾ موڪليون ته جيئن اهي سنڌ جي ماڻهن جو ڪيس ايوانن ۾ وڙهن. ٻي صورت زمين اسان جي پيرن هيٺان نڪري ويندي. هن چيو ته اسان وڏيرن ۽ جاگيردارن جي هٿن ۾ پنهنجا فيصلا نه ڏيون. ووٽ سردارن ۽ وڏيرن جي حوالي نه ڪرڻ گهرجي. سنڌي ماڻهو قبيلائي نظام مان سنڌي ماڻهو نڪري اچن. نياڻين کي حق ڏئي تعليم ڏياريون. نياڻين کي زندگي گذارڻ جا حق ڏيون. روز سنڌ ۾ نياڻين جا خون ٿا ٿين. غيرت جي نالي تي نياڻين جا لاش ڪرندا رهيا ته نه توهان جون ۽ اسان جون نياڻيون ۽ ڌيئرون به نه رهنديون. صرف پڳ، ٽوپيون ۽ اجرڪون پائڻ سان ڪجهه نه ٿيندو. نياڻيون ئي توهان جون پڳون ۽ ٽوپيون آهن. سماجي اڳواڻ ۽ ليکڪ ذوالفقار هاليپوٽو چيو ته قومي اسيمبلي ۾ بل اچي ٿو ته نون صوبن تي بحث ٿي سگهي ٿو ۽ بل تي ڪو اعتراض به نٿو ٿئي. قادر مندوخيل بل پيش ڪيو ته سنڌ ۾ رهندڙ غير قانوني ڌارين کي 6 مهينن ۾ هتان جي شهريت ڏئي ڇڏيو. ڊجيٽل آدمشماري ٿي رهي آهي. جنهن تي سنڌ جا ڪيترائي خدشا آهن. سنڌ اسيمبلي پنهنجي اختيار قومي اسيمبلي ڏئي رهي آهي. انهن سمورن واقعن مان اندازو لڳايو ته سنڌ جي وحدت ۽ وجود جي لاءِ ڪيترا وڏا خطرا پيدا ٿي رهيا آهن. هاڻ قانونسازي جي ذريعي سنڌ کي ڪمزور ڪري پنهنجي قبضي ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. پيپلزپارٽي ان ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي. ناميارو ليکڪ انعام شيخ چيو ته سنڌ ۾ پيپلزپارٽي جي غنڊاگردي هلي رهي آهي. پيپلزپارٽي هر فورم تي سنڌ جو ڪيس خراب ڪيو آهي. پيپلزپارٽي

ڪارڊ جي خيرات جو عادي ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته سنڌي ماڻهو اڄ به پنهنجي وطن سان گڏ بيٺا آهن. پنهنجي قومي وجود جي بقاءَ جي لاءِ آدمشماري تي ڌيان ڏيو. ٻولي جي خاني ۾ پنهنجي مادري ٻولي سنڌي لکرائي. سڄي سنڌ ۾ سياسي ڪارڪن گهر گهر وڃي اهو پيغام ڏئي ته پاڻ کي ڳڻائي ٻولي جي خاني ۾ سنڌي لکرائين. هن چيو ته سنڌ جي ماڻهن کي سنڌ جو آواز اسيمبلين تائين پهچائڻو پوندو ته جيئن سنڌ جي ڦرلٽ ۽ استحصال کي بنجو ملي. سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي والارٽي رهي آهي. ايڊووڪيٽ ستار سرڪي چيو ته سنڌ جا سودا ڪندڙ چون ٿا ته سنڌ جي ماڻهن ۾ سياسي طور تي مايوسي آهي. پر هي جلسو انهن جي لاءِ وڏو جواب آهي. سنڌ جي مٿان 15 سالن کان پيپلزپارٽي جي حڪومت آهي. پر هنن حڪمرانن سنڌ جي 6 ڪروڙ ماڻهن جا ڪنڌ هيٺ ڪرائي ڇڏيا آهن. پيپلزپارٽي وٽ رڳو پوتار ۽ سردار آهن. جيڪڏهن پيپلزپارٽي کان اقتدار ويو ته هڪڙو به پوتار ۽ سردار پيپلزپارٽي سان گڏ نه هوندو. سڀ ڀهرين ڏينهن پهچي وڃي ڪنهن ٻئي هنڌ پنهنجي جاءِ ڳوليندا. ان موقعي تي ايس ٽي پي جي مرڪزي اڳواڻن حيدر شاهاڻي، حيدر ملاح، جام عبدالفتاح سميجو، گلزار سومرو، حيدر ملاح، ترقي پسند ناري تحريڪ جي صدر حاڪمزادي ٿيٻو، ستاف جي صدر جام مهدي رضا، سنڌ دوست ست جي اڳواڻ ڊاڪٽر سليم شيخ، اظهار سومرو ۽ ٻين خطاب ڪيو. جڏهن ته جلسي جي ڪارروائي عاشق سولنگي ۽ قادر چنا هلائي. يوم مادر وطن جي جلسي ۾ بيدل مسرور، احمد مغل، تروڌا مالني، فقير قادر بخش خاصخيلي، وقار ملاح ۽ ٻين قومي گيت پيش ڪيا.

01 *** بقايا

پچڪڙي ٿي چونه ڪرڻي پوي. پي ڊي ايم طرفان سپريم ڪورٽ کي نشانو بڻائڻ سان وفاق کي نقصان پهچندو. حڪمران ملڪ ۾ جهنگ جو قانون چاهن ٿا. عمران خان وڌيڪ چيو ته پي ڊي ايم اڳواڻن کين چئلينج ڪيو هو ته جيڪڏهن اليڪشن چاهيو ٿا ته ڪي پي ۽ پنجاب ۾ اسيمبليون ٽوڙي ڏيکاريو. هنن کي خبر آهي ته چونڊون نه کٽي سگهندا. ان ڪري سپريم ڪورٽ جي ججن کي بدنام ڪري رهيا آهن ۽ آئين جي پچڪڙي لاءِ تيار آهن ته جيئن چونڊون نه ٿين.

02 *** بقايا

تائين جاري رهيون. آءِ ايم ايف جي هر نقطي جي تفصيل جا جائزو وٺي رهيا آهيون. هاڻي رڳو ٽيڪنيڪي سطح تي ڳالهه ٻول جاري آهي اختيارين جو چوڻ آهي ته وياج جي شرح ۾ وڌيڪ 2 سيڪڙو اضافو ڪيو ويندو. پاور سيڪٽر معاملي تي تفصيل طئي ڪيا پيا وڃن. ان حوالي سان معاملا طئي ٿيڻ ڪانپوءِ اسٽاف ليول معاهدو ٿي ويندو.

03 *** بقايا

آهي هن چيو ته بينظير انڪم سپورٽ ذريعي سروي ڪرايو پيو وڃي. سڄي ملڪ ۾ سروي جي حوالي سان مهم هلائڻ گهرجي. ماڻهن کي ٻڌايو وڃي ته هو پاڻ کي بي آءِ ايس پي ۾ رجسٽر ڪرائين. بي آءِ ايس پي جي رقم ۾ 25 سيڪڙو واڌ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. پرڏيهي وزير چيو ته امير ماڻهو وٽ جيترو پئسو هوندو آهي اهو اوترو ئي ڪنجوس هوندو آهي. پئسو غريب وٽ ويندو آهي ته هزارين ماڻهن جو پلو ٿيندو آهي. معيشت کي فائدو ٿيندو بلاول ڀٽو چيو ته پ پ لاءِ مشهور آهي ته اها اسٽيبلشمينٽ مخالف ۽ جمهوريت جي حامي آهي. پيپلز پارٽي اٿي. لٿي ۽ اڄهي لاءِ سياست ڪئي. اسان پنهنجن اصولن سبب شهادت قبول ڪئي. هن چيو ته پيپلز پارٽي لاءِ ڪٺ پتلي جماعت سميت ڪو به سياسي مخالف نه آهي. نه اسان جو ڪنهن سان مقابلو آهي. اسان سياست ۾ عوام کي حق ڏيارڻ لاءِ آيا آهيون. هن وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ اڄ به غربت، مهانگائي ۽ معاشي بحران آهي. اسان ان آئيني، سياسي، جمهوري ۽ معاشي بحران جو حل چاهيون ٿا. اسان جو ساٿ ڏيو ۽ گڏجي جدوجهد ڪريو.

04 *** بقايا

مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي سجاد خان، غلام رسول، زين ۽ ٻين جو چوڻ هو ته عام واهپي جي هر شئي غريب ماڻهو جي وس کان ٻاهر ٿي وئي آهي ۽ عام ماڻهو وٽ ٻارن جي فيس ڀرڻ جا پئسا به نه آهن. هڪ طرف بيروزگاري وڌي وئي آهي ته ٻئي طرف حڪومت پاران پيٽرول جي قيمت ڏينهون ڏينهن وڌائي پئي وڃي. جنهن سبب عام واهپي جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. هنن چيو ته موٽر سائيڪل ۾ پيٽرول پرائڻ جا پيسا ناهن. جيڪڏهن پيٽرول پرايون ٿا ته گهر لاءِ اٽو وٺڻ جا پئسا ناهن. هنن چيو ته ڊالر ۽ ڊار ته پاڻ ۾ ٺهي ويا پر عوام آزار ۾ اچي ويو آهي. هاڻي ته ٽڪر به رهڻ کان اڳتي نڪري ويو آهي. هوڙا انهن ڪنڌيارو ۾ سنڌ يوٿ ايڪشن ڪاميٽي جي سنڌ تي سنڌو نواز گهانگرو جي اڳواڻي ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف جام ڳوٺ کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ نوجوانن، شاگردن، سياسي سماجي ڪارڪنن شرڪت ڪئي. ريلي مختلف رستن کان ٿيندي نعرن جي گونج ۾ اسٽار چوڪ پهتي جتي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاجي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي سنڌو نواز گهانگرو چيو ته ملڪ ۾ مهانگائي هٿرادو آهي. ڪرپٽ حڪمران عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦري لٽي رهيا آهن. حڪمران پنهنجي من پسند واپارين، سيٺين ۽ سرمائيدارن کي فائدو پهچائڻ لاءِ هٿرادو مهانگائي ڪري غريب عوام جو رت چوسي رهيا آهن. عوام جي نالي تي ووٽ وٺي اقتدار ۾ پهتل نام نهاد چونڊيل نمائندن کي غريب عوام جو احساس ٿي ناهي. هن چيو ته سنڌ

۾ غربت، بي روزگار ۽ مهانگائي سبب ماڻهو خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. هر روز ڪنهن نه ڪنهن شهر ۾ اهڙيون جو واقعو سامهون اچي ٿو ماڻهو ٻارو ڪرو ڪرڻ لاءِ هوڪا ڏئي رهيا آهن. نوجوان ڊگريون کڻي روزگار لاءِ دربدر آهن. هنن انڊسٽري کي به تباهه ڪري ڇڏيو آهي. ريلي کي حمز علي چانڊيو، شڪيل گهانگهرو، مختيار رند، نويد سنڌي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو ٻئي طرف ٽنڊو جان محمد، تلهار، پيرو مل، باڊهه، ڀهرام ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا.

05 *** بقايا

آهي. صوبائي وزير پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته ڏيڍ ڪروڙ کان وڌيڪ آبادي واري لاهور شهر مان گذريل ڏينهن صرف 77 ماڻهو ڪوٽ لکپت جيل پهتا آهن. پي ٽي آءِ جي ڊرڻ ۽ لانگ مارچ جيان جيل ڀريو تحريڪ به ناڪام ٿي وئي. هن چيو ته نوٽنڪي باز عمران نيازي کي گهرجي ته ٿيٽر ڪمپني کولي ڇڏي. روڊن ۽ رستن بدران ٿيٽر هال ۾ نوٽنڪي لڳائي ۽ پنهنجي پنڪيل روح کي تسڪين بخشي، روڊن جي بندش سبب شهرين ۽ خاص ڪري مريضن کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عمران خان جي روز روز جي تماشن سان ميڊيا، انتظاميه ۽ قوم جو وقت ضايع ٿي رهيو آهي. عوام جا حقيقي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ جمهوري قوتن سان گڏجي ڪم ڪرڻ بدران عمران خان سرڪس لڳائي ويٺو آهي.. هن چيو ته ملڪ ۾ ٻوڏ ۽ برساتن سبب تاريخي تباهي آئي. پر نيازي جلسا جلوس ۽ نوٽنڪي ڪندو رهيو، پوليس لائن پشاور سانحو پيش آيو. عمران خان متاثر خاندانن سان همدردي ڪرڻ بدران سازشن جو راڳ الاپيندو رهيو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عمران خان کي قوم جو ڪوئي درد ناهي ۽ نه ئي عوام جي مسئلن سان ڪائي دلچسپي آهي.

06 *** بقايا

هو پر گذريل ڏينهن پشاور جيان ملتان به اڳواڻ ۽ ڪارڪن گڏ ٿيا پر گرفتاريون ڏيڻ بنا روانو ٿي ويا. اڳواڻن نوان شهر چوڪ تي احتجاج ۽ ڪارڪن کي خطاب ڪيو. خطاب بعد پي ٽي آءِ جي سٽي صدر ملڪ عدنان ڊوگر ڪارڪنن کي گهر وڃڻ جو چئي ڇڏيو.

07 *** بقايا

لڳايو تحريڪ شروع ڪرڻ گهرجي. پنهنجي بيان ۾ منظور وسان چيو ته جيل ڀريو تحريڪ اصل ۾ عمران خان، فرح خان ۽ بزدار بچايو تحريڪ آهي. جيل ڀريو تحريڪ کان اڳ عمران خان ۽ شيخ رشيد چوندا هئا سيني کان ڀهريان اسان گرفتاريون ڏينداسين. گذريل ڏينهن شيخ رشيد ساهرون ڏانهن وڃڻ بجاءِ سنهي گهٽي مان پڇي گهر روانو ٿي ويو. منظور وسان وڌيڪ چيو ته عمران خان گرفتاري ڏيڻ بجاءِ پاڻ عدالت سان ضمانت وٺي ٽنگ تي جعلي پلستر لڳرائي لڪي ويٺو آهي. منظور وسان وڌيڪ چيو ته عمران خان جنهن مقصد جي لاءِ جيل ڀريو تحريڪ شروع ڪئي سنڌس اهي مقصد ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا. ڪجهه ڪارڪنن کان سواءِ ڪو به گرفتاري ڏيڻ لاءِ ناهي نڪتس جن اڳواڻن گرفتاريون ڏنيون آهن اهي هاڻ ضمانتن جي لاءِ درخواستون ڏئي رهيا آهن. منظور وسان عمران خان کي مخاطب ٿيندي وڌيڪ چيو ته خان صاحب جيل ڀريو تحريڪ اوهان کان نه ٿي سگهندي هاڻ اوهان ڦاهي لڳايو تحريڪ شروع ڪريو.

08 *** بقايا

جواب ۾ جاري ڪيل بيان ۾ مريم نواز عمران خان کي سازشن جو بادشاهه قرار ڏئي سنڌس چوڻ هو ته عمران خان رڙيون غلط ناهن. ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي ڳاڏ فادر فيض ۽ سنڌس باقيات جي مدد سان سازشن جو بادشاهه آهي. هن عمران خان کي مخاطب ڪندي چيو ته اوهان فيض ۽ سنڌس باقايات جي سازشن تحت ٽڳي رهيا آهيون. هاڻي

اوهان ڏسنڊڻو ته "بگڙيل شهزادي" اوهان کي ڪيئن مات ڏي ٿي. مريم نواز چيو ته چور ۽ ڏاڙيل وارو موقف ناڪام ٿي چڪو آهي. عمران خان ۽ سنڌس گهرواري توشا خانا ڪيس ۾ چوري ڪندي سڳ سوڌو پڪڙيا ويا آهن هن وڌيڪ چيو ته عمران خان عدالتن کان بچندو پيو وتي. اهو سنڌس ڏوهاري هجڻ جو ثبوت آهي. ٽنگهه تي پلاسٽر ڪيس گهڻو وقت نه بچائيندو. مرد ٿي ۽ قانون کي منهن ڏي.

جيڪڏهن ته ته جائزو وٺي اسيمبلي بحال ڪري بحران ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي. جسٽس اطهر من الله سوال اٿاريو هو ته 5 سالن لاءِ عوام جي چونڊيل اسيمبليءَ کي ڪنهن جي ڊڪٽيشن تي ٽوڙي سگهجي ٿو جسٽس جمال مندو خيل به نوٽ پڙهيو هو ته ڇا آئين موجب معاملي جو پاڻ مراد نوٽيس وٺي سگهجي ٿو شايد انهن ٿي سوالن تي ججن ۾ بحث چڙي پيو هو ۽ گرما گرمي ٿي هئي.

09 *** بقايا

ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي هئي. ڪمشنر ڊيره غازي خان طرفان لکيل خط ۾ سيڪيورٽي خدشن جو اظهار ڪيو ويو هو اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان خط جي جواب ۾ چيو آهي ته سمورا انتظام مڪمل آهن اين اي هڪ سئو 93 راجنپور ۾ چونڊون 26 فيبروري تي ئي ٿينديون. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان موجب ڊسٽرڪٽ ڪنٽرول روم ۾ ريٽرننگ آفيسر کان علاوه لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنر پوليس، رينجرز ۽ پاڪ فوج جون اختياريون موجود رهنديون ته جيئن ڪنهن به صورتحال کي منهن ڏئي سگهجي. چونڊ عمل جي نگراني لاءِ مرڪزي ۽ صوبائي ڪنٽرول روم به چونڊ نتيجا جوڙڻ تائين بنا ڪنهن رنڊڪ جي ڪم جاري رکندو.

10 *** بقايا

بند ڪرايا وڃن. ڪمشنر ڪراچي هدايت ڪئي آهي ته شادي هاليز ۽ هوٽلن کي رات 10 وڳي بند ڪرائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. توانائي بحران بابت وفاقي حڪومت جي حڪمن تي عمل ڪرايو وڃي.

11 *** بقايا

سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ شيري رحمان چيو ته فوٽو سيشن ۽ عمران خان کي راضي ڪرڻ لاءِ جن پي ٽي آءِ اڳواڻن گرفتاري ڏني اهي هاڻي ضمانت لاءِ درخواستون ڏئي رهيا آهن. سنڌس چوڻ هو ته خيبرپختونخوا ۾ هڪ به ماڻهو گرفتاري ناهي ڏني. ڪي پي جي ماڻهن گرفتاري نه ڏئي عمران خان جي ذاتي سياست کي مڪمل رد ڪري ڇڏيو آهي. وفاقي وزير ۽ پ پ سينيٽر شيري رحمان چيو ته اوهان مسلسل غلط هٽ تي ڪيا ۽ ڪوڙا بيان ڏئي ماڻهن کي پنهنجي سياسي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال نٿا ڪري سگهو هن چيو ته دعويٰ ڪئي وئي هئي ته هر شهر مان 200 ماڻهو گرفتاري ڏيندا پر تي ڏينهن گذرڻ باوجود سڄي ملڪ مان 200 ماڻهن به گرفتاري ناهي ڏني رڳو ٽن ڏينهن ۾ ئي ڪل جو ڳي جيل ڀريو تحريڪ "ضمانت ڏيو تحريڪ" ۾ تبديل ٿي چڪي آهي.

12 *** بقايا

. بينڪنگ ڪورٽ اسلام آباد ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان ۽ ٻين خلاف فارين ايڪسچينج ايڪٽ جي تحت پابندي مڙهيل فنڊنگ ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. عمران خان جي قانوني ٽيم طرفان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي آرڊر جي ڪاپي عدالت ۾ پيش ڪئي وئي. عدالت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي حڪم جي روشني ۾ عمران خان کي 28 فيبروري تي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو بينڪنگ ڪورٽ جي جج رخشنده شاهين ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ڪيس جي ٻڌڻي 28 فيبروري تائين ملتوي ڪئي وئي.

13 *** بقايا

ڳالهيون ڪندي ياسمين راشد چيو ته عمران خان تي قاتلاڻي حملي جي جاچ صحيح نه پئي ٿئي. چو ته شهباز شريف ۽ راڻا ثناءُالله جاچ نه پيا ڪرڻ ڏين. قاتلاڻي حملي جي شاهدين کي ضايع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ياسمين راشد الزام هنيو آهي ته عمران خان تي حملي ۾ وفاقي ۽ نگران حڪومت ملوث آهي. پنجاب جي نگران حڪومت مسلم ليگ(ن) جي گهر جي ٻانهي بڻيل آهي. سيني کان مشهور اڳواڻ کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ۽ راڻا ثناءُالله عمران خان کي قتل ڪرائڻ چاهي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته وفاقي حڪومت جي نئين جي آءِ ٽي تي اسان کي اعتراض آهي. صوبائي حڪومت جي آءِ ٽي ناهي ته وفاقي حڪومت جو مداخلت ڪئي. نئين جي آءِ ٽي ۾ چار آفيسر آهن جنهن ثبوت ضايع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته مريم نواز پيهر عدليه جي پٺيان پيل آهي هن بي بي جي تربيت ٿي غلطي ٿي آهي.

14 *** بقايا

ٿي آهي. ناميارو صحافي موجب جڏهن خميس ڏينهن سماعت ختم ٿي ته ڪمري جي ٻئي پاسي واري هال نما ڪمري ۾ هليا ويا ۽ ڪجهه دير بعد ججن ۾ گرما گرمي ٿي وئي ۽ آواز ٻاهر تائين ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا. هڪ جج ٻئي کي چئي رهيو هو ته هي ڪهڙا سوال اٿاريا ويا آهن. جواب ۾ ان جج چيو ته آءُ به اوهان جيان بئنچ ۾ شامل آهيان سوال ڪرڻ جو حق آهي. ان تي ڪوڙ ايڏو وڏي ويو جو محسوس ٿي رهيو هو ته شايد جج وڙهي پيا آهن. ان دوران هڪ وڏي جج مداخلت ڪري معاملو ٿڌو ڪيس ياد رهي ته پهرين شنوائي تي جسٽس منصور علي شاهه سوال ڪيو هو ته ڇا اسيمبلي ٽوڙڻ جا ڪي آئيني يا سياسي ٺوس جواز هئا.

15 *** بقايا

آهن جن ۾ شاهه محمود قريشي، اسد عمر ۽ ٻيا شامل آهن هن چيو ته جيل ڀريو، زندان ڀريو تحريڪ جو مقصد عوام جي سياسي ۽ معاشي حقن لاءِ جدوجهد جو شعور آهي. فلسطائي حڪمرانن کان آزادي سنڌن منزل آهي سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ فواد چوڌري چيو فسطائي حڪمرانن کان آزادي سنڌن منزل آهي. ذلفي بخاري، صداقت عباسي، فياض الحسن چوهان ۽ جئن آيم پي ايز کي رات دير سان شاهپور جيل منتقل ڪيو ويو آهي.

16 *** بقايا

آهي. پوليس موجب فائرنگ دوران 3 ڄڻا ڏڏي تي قتل ٿي ويا جڏهن ته هڪ چڻو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي فوري طور تي طبي امداد جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي طبي امداد دوران زخمي ٿيل به فوت ٿي ويو جنهن کان پوءِ فوتين جو انگ وڌي 4 ٿي ويو. مارجي ويلن ۾ ڪامران گهمرو، ببلو گهمرو، رمضان ۽ ڪوئيٽا مان مهمان ٿي آيل خليل شيخ شامل آهن جن جا مڙهه اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن. پوليس جون واقعي جا سبب جاڃڻ جي لاءِ ڪوششون جاري آهن ۽ جوابدارن جي ڳولا به شروع ڪئي وئي آهي.

17 *** بقايا

موجب هلندڙ هفتي به مهانگائي ۾ واڌ ٿي آهي. شماريات کاتي هفتي وار مهانگائي جا انگ اکر جاري ڪري ڇڏيا آهن. رپورٽ موجب هڪ هفتي ۾ مهانگائي ۾ 2.78 سيڪڙو واڌ ٿي آهي جنهن ڪانپوءِ مهانگائي جي مجموعي شرح 41.54 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي. شماريات کاتي جي نئين رپورٽ تحت هڪ هفتي ۾ رڪارڊ 33 کاڌ خوراڪ جون شيون مهانگيون ٿيون آهن جڏهن ته 6 شين جي اگهن ۾ لاٿ ۽ 12 شين جا اگهه برقرار رهيا آهن.

18 *** بقايا

ڏهين ڏينهن دادو ۾ داخل ٿي ويا. دادو واسين سنڌ مارچ جي ڀرپور آجيان ڪئي. دادو پريس ڪلب جي سامهون ڪچهري روڊ تي زين شاهه عوام جي وڏي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌي عوام سنڌ مارچ کي وقتائتو ۽ درست سمجهندي زرداري مافيا کان بغاوت ڪري ڇڏي آهي. اسان اوهان کي سمجهائڻ آيا آهيون ته سنڌ جي وسيلن جو اختيار اوهان وٽ هجڻ گهرجي. هن چيو ته 15 سالن کان اسان تي زرداري مافيا جو نظام مڙهيو ويو آهي. اسان جي هي تحريڪ سنڌ جي ٿيندڙ تباهي ۽ بربادي جي خلاف آهي. هي حڪمران سنڌو درياءَ وڪرو ڪري چڪا آهن. 4 وڏا ڪئنال سنڌو درياءَ مان ڪڍيا ويا آهن. سنڌ اسيمبلي مان بل پاس ڪيا ويا آهن. سنڌس چوڻ هو ته راجا پرويز اشرف ۽ ٻيا ڪاميٽي ۾ شامل سنڌ جا غدار سنڌ جي قومي وجود خلاف گهري سازش ۾ ملوث آهن هن چيو ته سنڌ جي معدني وسيلن، سمنڊ، زرعي زمينون ۽ ٻي قيمتي ملڪيت وڪرو ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته ڊجيٽل آدم شماري اهڙي طرز جي ڪئي پئي وڃي جنهن ۾ سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي. پاڪستان ۾ جنرل اليڪشن کي هڪ سازش تحت پوئتي ڌڪيو پيو وڃي. هن چيو ته سنڌ جي جاگرافي خطري ۾ آهي. ٻوڏ سبب لکين ايڪڙ زمين برباد ٿي وئي سنڌو درياءَ جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي وڏي تباهي آئي. هٿرادو ڪٽ ڏئي شهر ٻوڙايا ويا. پ پ جي حڪمراني سنڌ جي وجود لاءِ وڏو خطرو آهي. اسان جي قومي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ بلاول کي اقتدار ۾ آندو ويو آهي. سنڌ سان ناانصافيون ۽ زيادتيون ڪيون پيون وڃن. عوامي ميڙاڪي کي جڳديش آهوجا، امير آزاد پنهور، پي ٽي آءِ ضلعي دادو جي صدر عاشق زئنور، ايس يو پي جي مرڪزي اڳواڻ غلام مصطفيٰ چانڊيو، پي ٽي آءِ ليڊيز ونگ ضلعي دادو جي صدر ارم عباس سولنگي، ايس يو پي ضلعي دادو جي صدر سڪندر سوڍر، ايس يو پي تعلقي دادو جي صدر سجاد پنهور، قاضي زاهد، امتياز عمراڻي ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو. زين شاهه پارٽي قيادت ۽ ڪارڪنن سان گڏ دادو مان خدا آباد طرف پيادل روانو ٿي ويو. دادو جي عوام سنڌ مارچ جو روڪ وڪ تي استقبال ڪيو ويو.اڄ چنهر تي سنڌ مارچ پان سيد آباد کان اڳتين منزل طرف روانو ٿيندو.

19 *** بقايا

ٻارڪان جي ڪوهه مان مليا هئا. ٽن ڄڻن جي قتل خلاف مري اتحاد پاران چار ڏينهن ڌرڻو هنيو ويو هو.

20 *** بقايا

جي گاڏين سان سيلفيون ڪڍندا رهيا. عمران خان جا ٽائيگر پوليس کي ڏسي ڪري رفو چڪر ٿي

21 *** بقايا

ويا. صوبائي وزير چيو ته هي ماڻهو هڪ طرف جيل ڀريو تحريڪ جا نعرا هڻي رهيا آهن. 24 ڪلاڪ نٿا گذرن سنڌن خاندان انهن جي بازيابي لاءِ هاءِ ڪورٽ پهچي ويا. هن چيو ته تحريڪ انصاف انٽرنيشنل سرڪس ڪمپني جو اڄ پڙاءُ راولپنڊي ۾ آهي. عمران خان جي پروڊڪشن ۽ شيخ رشيد جي ڊائريڪشن ۾ سرڪس ڪمپني پنهنجو ٽيون شو پيش ڪري رهي آهي. صوبائي وزير چيو ته عمران خان راولپنڊي ۾ پي ٽي آئي جي اصل اڳواڻن کي سائيڊ لائن ڪري سمورو اختيار شيخ رشيد جي حوالي ڪري ڇڏيو.

نظر نه آيو ان ڪري هاڻي پي ٽي آءِ جي سياست زوال طرف وڌي رهي آهي. جيڪي اڳواڻ جيل ۾ ويا آهن. انهن جا ٻوٽيئر به ضمانتون ڪرائڻ لاءِ عدالتن جا چڪر ڪاٽي رهيا آهن. خاص طور شاهه محمود قريشي ۽ اسد عمر جا فرزند لاهور هاءِ ڪورٽ پهتا آهن. جتي ڪورٽ ۾ ٺهڪڙا به گونجي ويا ۽ جيو ويو ته اڳواڻن ته پاڻ مرادو گرفتاري ڏني آهي. عدالت ڇا ٿي ڪري سگهي.

22 *** بقايا

معمولي زخمي ٿيا. جڏهن ته سنڌن گاڏي تباهه ٿي وئي علي گل ملاح ۽ سهراب سومرو موجب شو ۾ شرڪت لاءِ نوابشاهه پئي وياسين ته حادثو پيش آيو. معمولي زخم رسيا آهن حادثي بعد موٽر وي پوليس ٽرالر ڊرائيور کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو ٻئي پاسي مزاحيه اداڪار اصغر ڪوسو واقعي واري هنڌ پهچي علي گل ۽ سهراب سان ملاقات ڪري حادثي جا تفصيل ورتا.

23 *** بقايا

شاهپور جيل منتقل ٿيلن ۾ ذوالفي بخاري، فياض الحسن چوهاڻ، صداقت علي عباسي، اعجاز خان، لطافت ستي ۽ اڳوڻو پنجاب اسيمبلي ميمبر چوڌري ساجد محمود به شامل آهي جيل ڀريو تحريڪ جي منتظر اعجاز چوڌري دعويٰ ڪئي آهي ته پشاور ۾ به هزارين ماڻهو گرفتاريون ڏيڻ لاءِ نڪتا هئا پر ڪنهن به کين گرفتار نه ڪيو. ياد رهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان اربع 22 فيبروري کان جيل ڀريو تحريڪ لاهور کان شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو.

24 *** بقايا

ملاقات ڪئي ملاقات دوران ٿي وزيراعظم نواز شريف عمران خان جي تحريڪ کي غير اهم قرار ڏيندي چيو ته جيل ڀريو تحريڪ ۾ ڪا ڳالهه آهي نه ڪئي وڃي. ان موقعي تي آزاد ڪشمير جي اڳوڻي وزيراعظم راجا فاروق حيدر چيو ته نواز شريف موجوده آزاد ڪشمير جي حڪومت تي خدشن جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته ٻين پارٽين سان گڏجي سوچينداسين ته جيڪڏهن بي اعتمادي رت آئيو ٿا ته عوام کي ڪهڙو فائدو ٿيندو.

25 *** بقايا

پروگرام ۾ راڌر واهه جي بحالي لاءِ 50 ڪروڙ رپين جي رقم منظور ڪئي آهي. پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ به منظوري ڏني آهي. ايندڙ مهيني تائين اسڪيم جي انتظامي منظوري ڪانپوءِ راڌر واهه جي بحالي جو ٽينڊر جاري ٿيڻ جو امڪان آهي. آبپاشي کاتي جي ذريعن مطابق راڌر واهه کي جامشورو روڊ وٽان ڦليلي واهه کان لطيف آباد جي اوور هيڊ برج تائين بحال ڪري ان ۾ مٺو پاڻي ڇوڙ ڪيو ويندو جيڪو رائي باغ ۽ لطيف آباد کي پيئڻ لاءِ فراهم ڪيو ويندو. رٿا تحت راڌر واهه جي ٻاءِ پاس کان مٿي جامشورو روڊ تائين ٻنهي پاسن کان پڪو روڊ تعمير ڪيو ويندو ۽ ان ئي حصي جي لائيٽنگ ڪئي ويندي. روڊن جي پاسي کان فٽ پاٿ به جوڙيا ويندا. راڌر واهه سان گڏ ان جا ضروري واٽر ڪورس ۽ راڌر واهه مان نڪرندڙ فسادي واهه کي به بحال ڪيو ويندو. ڦليلي ڪئنال تي راڌر واهه جي پمپنگ اسٽيشن به تيار ڪئي ويندي جنهن کي شمسي توانائي سان ڳنڍيو ويندو. آبپاشي کاتي جي ذريعن موجب راڌر واهه ۾ پوندڙ آبادين تان گٽرن پائيپ لائينون بند ڪيون وينديون جن لاءِ الڳ ڊرينيج سسٽم جوڙڻ لاءِ ضلعي انتظاميا کي لکيو ويندو. واضح رهي ته راڌر واهه دائمي ڪئنال آهي جنهن لاءِ بشراج جي بندي ڪانسواءِ باقي سمورا ڏينهن 24 ڪيوسڪ پاڻي منظور ٿيل آهي. رابطو ڪرڻ تي ڪوٽڙي بشراج جي چيف انجنيئر حاجي خان جمالي ٻڌايو ته راڌر واهه جي بحالي اي ڊي پي جي 23-2022ع واري اسڪيم تحت ٿي آهي.

26 *** بقايا

مٿاهين حصي تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو جنهن سبب شهر ۾ اڀرندي ۽ اتر ۽ مغرب کان هوائون هلي سگهن ٿيون. موسمياتي تجزيه ڪار ٻڌايو ته سياڻي کان ڪراچي ۾ ڏينهن جو گرمي پد وڌڻ جو امڪان آهي جيڪو 32 کان 34 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو پر شام جو سامونڊي هوائون هلڻ سان رات جو موسم بهتر ٿيڻ جو امڪان آهي. رات جو گرمي پد 18 کان 20 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو جواد ميمڻ موجب هلندڙ سال فيبروري کان ئي معمول کان وڌيڪ گرمي پد رهڻ سخت گرمي پوڻ جي نشاندهي ڪري رهيو آهي.

27 *** بقايا

ڏني وڃي، سڄي صوبي ۾ پوليس اهلڪارن جي کوٽ آهي ان ڪري نئين ڀرتين لاءِ بجيٽ جاري ڪئي وڃي. اختيارين موجب پوليس اسٽيشن ۽ جاچ کاتي ۾ پوليس جي نفري گهٽ آهي ان لاءِ مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن. هنگامي صورتحال ۾ به اهلڪارن جي کوٽ جو مسئلو به سامهون اچي ٿو ان حوالي سان وڏي وزير مراد علي شاهه نائي کاتي کان تفصيل طلب ڪري ورتا. جڏهن ته نائي کاتي هوم ورڪ شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ وڏي وزير کي هڪ هفتي ۾ آگاهه ڪيو ويندو.

28 *** بقايا

کي اهم ثبوت ۽ شاهدين هٿ آيون آهن. جيڪڏهن مريم نواز خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ٿي ته ذهن کي جهنجهوڙيندڙ انڪشاف ٿيندا اهو به ممڪن آهي ته جن جي بئنچ ۾ هجڻ تي اعتراض ٿي رهيا آهن اهي عدالت ۾ ئي نه رهن.

29 *** بقايا

ڪري، پاناما ڪيس کان شروع ڪري، اها ڪهاڻي جنرل پاشا جي وقت کان شروع ڪري. نجي ٽي وي جي پروگرام ۾ گفتگو ڪندي هن چيو ته نئين آرمي چيف جي مقرر جي موقعي تي عمران خان جيڪا ڪوشش ڪئي، ان بابت ڪيئي راز وٽس موجود آهن. سڀ ڪهاڻيون ٻڌايون ٿينديون. سنڌس چوڻ هو ته نواز شريف کي سسلين مافيا چوڻ وارن ۽ ان فيصلي تي صحيح ڪرڻ وارن کي شرم اچڻ کپي. شاهه محمود قريشي به چيو آهي ته نواز شريف سان زيادتي ٿي. خواجا آصف چيو ته مريم نواز پنهنجي تقرير ۾ حق تي هئي. هوءِ اسان جي پارٽي جي ليڊر آهي. عمران خان سان چا ٿيو آهي جيڪو هو اهڙي ٻولي ڳالهائي ٿو. متاثر ڊرتي اسان آهيون. اسان کي عدالتن ڏک ڏنا آهن.

30 *** بقايا

آئيني ۽ قانوني ذميواري ادا نه ڪري. پنهنجي ٽوئيٽ ۾ شيخ رشيد چيو ته اميد آهي ته ايندڙ 10 ڏينهن ۾ سپريم ڪورٽ ٻڌائي ڇڏيندي ته چونڊن جي تاريخ ڪهڙي ڏينهن ڏيڻي آهي ۽ پچڪڙي ٿي ڪنهن کي جيل ۾ وجهڻو آهي. اڳوڻي وفاقي وزير چيو ته گهرو وزير، دفاع وارو وزير ۽ مريم نواز عدليه کي تنقيد جو نشانو بنائڻ کان علاوه فل بينچ جو پڻ مطالبو ڪري رهيا آهن. سموري قوم سپريم ڪورٽ سان گڏ بيٺل آهي. عوامي مسلم ليگ جي سربراهه چيو ته اپيڪس ڪميٽي چئي رهي آهي ته ملڪ وڌيڪ عدم استحڪام برداشت نٿو ڪري سگهي. هي اڄان تائين اهو ناهن ٻڌائي سگهيا ته چونڊن جي تاريخ ڪير ڏيندو. شيخ رشيد چيو ته چاچي جي بجيٽ جي دعويٰ پاڻي جي 18 رڪني شاهانه سيڪيورٽي اسڪواڊ تي لاڳو ناهي. 13 پارٽيون چونڊن ۽ معاشي استحڪام کان ڀڄي رهيون آهن.

31 *** بقايا

تي ڪمزور بڻائي ڌارين کي آباد ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. وفاق ٽٽندو ته پنجاب، بلوچستان ۽ ڪي پي کي ڪو خطرو ناهي. پر سڀ کان وڌيڪ نقصان سنڌ جو ٿيندو. سنڌ ۾ ملڪ جي ٻين صوبن جا ماڻهو رهن ٿا. لکين غير قانوني پناهگير هتي رهن ٿا. اهڙي صورتحال پيدا ٿئي ته زرداري ۽ بلاول عالمي آقائن سان اهو معاهدو ڪري وٺندا ته اسان کي 5 يا 6 ضلعن جي سنڌ ناهي ڏيو. باقي سڄي سنڌ ڇائي ۽ انهن جا ڪم ڄاڻن. ٻئي طرف مهاجر ديش ناهڻ جي سازش ٿي رهي آهي. باقي وڃي به ٿي ضلعا بچندا. پر سنڌ جي ماڻهن کان ڀڄڻ گهران ٿو ته جيڪڏهن اهڙي صورتحال پيدا ٿي ته توهان مادر وطن جي حفاظت جي لاءِ جنگ جي ميدان ۾ بيهندا يا نه؟. اٿون اعلان ڪري غريبن جا ٻار ناهيان مارائيندو. عمران خان اڳ ئي چئي چڪو آهي ته مونکي اقتدار نه ڏنو ويو ته پاڪستان ٽي ٽڪرا ٿي ويندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه حيدرآباد ۾ نيشنل هاءِ وي ٽي ايس ٽي پي جي 31 هين يوم مادر وطن جي موقعي تي منعقد ڪيل جلسي عام کي خطاب ڪندي ڪيو. جلسي عام ۾ سڄي سنڌ مان ايس ٽي پي جي ڪارڪنن، عورتن ۽ ٻارڙن سميت هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي. جلسي ۾ موجود ايس ٽي پي جا ڪارڪن سنڌ جا نعرا هڻندي قومي گيتن تي جهومندا رهيا. جڏهن ته يوم مادر وطن جو ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو هي سنڌين جو مادر وطن آهي. ڪنهن ڪابلي ۽ ڪنڌاري جو وطن ناهي. هي اسان جو وطن پاڪستان جي ڪنهن حڪمران، جنرل، جج ۽ عالمي سامراجي طاقت اسان کي انعام ۾ ناهي ڏنو آهي. هي وطن اسان کي لکين سالن کان اسان کي خدا ڏنو آهي. اسان جيئڻ ۽ دشمن سان وڙهڻ سکيو آهي. هزارين سالن کان اسان جي نوجوانن گرم رت سان وطن جي حفاظت ڪئي آهي. هن چيو ته آصف زرداري پنهنجي پٽ بلاول کي وزيراعظم ناهڻ جي لاءِ سڄي سنڌ ڌارين کي ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿي ويٺو آهي ۽ سوچي ٿو ته اڳتي هلي هو سنڌ جو بادشاهه بڻجي ويندو. پنهنجي وطن جي بقاءِ ۽ خوشحالي جي لاءِ اسان رت جو ڦڙو ڦڙو قربان ڪنداسين. سنڌ قيامت تائين رهندي. هن

32 *** بقايا

۾ 70 ارب رپيا ورهايا ويا آهن. پ پ پارٽي عوامي خدمتن تي يقين رکي ٿي. شهيدن جي فلسفي تي هلندي هن ملڪ کي خوشحالي طرف وٺي ويندا. هڪ سوال جي هن چيو ته عمران نيازي جي جيل ڀريو تحريڪ ناڪام ٿي چڪي آهي هاڻي ضمانتون ڪرائڻ پيا. تحريڪ انصاف وارا ايم آر ڊي تحريڪ جيان جيلن ۾ وڃن ته پوءِ جيل ڀريو تحريڪ جي خبر پوندي. چونڊن بابت سوال جي جواب ۾ سنڌس چوڻ هو ته عام چونڊون وقت تي ٿينديون. هن وقت ملڪ جون حالتون ڳنڀير آهن هي وقت سياست چمڪائڻ جو ناهي سڀني پارٽيون گڏجي ملڪ لاءِ سوچن.

33 *** بقايا

پري. اهڙيون هدايتون سي اي او/ ايم ڊي واٽر بورڊ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاران لياري ٽائون جي دوري دوران واٽر بورڊ آفيسرن کي ڏنيون. سي اي او واٽر بورڊ لياري ٽائون جو تفصيلي دورو ڪندي گڏا مارڪيٽ پمپنگ اسٽيشن، چاڪيواڙا پمپنگ اسٽيشن، بڪرا پڙي پمپنگ اسٽيشن، حاجي بخش هوت واٽر پمپنگ اسٽيشن، جي الانا واٽر پمپنگ اسٽيشن سميت فدا حسين روڊ، شاهه ولي الله روڊ، حاجي پير روڊ بغدادي، گبول پارڪ روڊ ۽ ٻين علائقن جو معائنو ۽ جائزو ورتو. دوري جي موقعي تي چيف انجنيئر سيوريج آفتاب عالم چانڊيو، ايس اي لياري انور ميمڻ، ايگزيڪيوٽو انجنيئر لياري سيوريج محمد رحيم پليجو، ايگزيڪيوٽو انجنيئر لياري واٽر فرزند لاکو، ايگزيڪيوٽو انجنيئر پمپنگ غلام محمد مگسي، صدر پي پي ضلعو ڏکڻ خليل هوت، يوسي چيئرمين حاجي عبدالمجيد، غلام ياسين نيازي، محب رئيس سميت شهري ۽ واٽر بورڊ جا عملدار موجود هئا. ان موقعي تي پي پي لياري جي اڳواڻن سميت لياري مان نون چونڊيل يوسيز چيئرمين ۽ شهرين پاران سي اي او واٽر بورڊ کي لياري ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي مختلف مسئلن کان آگاهه ڪندي مطالبو ڪيو ته سمورن مسئلن جي حل لاءِ موثر ۽ ٺوس قدم کنيا وڃن. سي اي او واٽر بورڊ پاران اڳواڻن ۽ شهرين کي سمورن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جو يقين ڏياريندي موقعي تي ئي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون ته لياري سميت سڄي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون سموريون شڪايتون هنگامي بنيادن تي ختم ڪري شهرين کي وڌ کان وڌ بهتر سهولتون فراهم ڪيون وڃن. سي اي او واٽر بورڊ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون ڏيندي چيو ته شب برات ۽ رمضان المبارڪ کان اڳ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي موثر ۽ ٺوس قدم کنيا وڃن ته جيئن شهرين کي ڪنهن به قسم جي پريشاني يا ڏکيائي کي منهن ڏيڻو نه پوي. هن چيو ته سيوريج جون سموريون پمپنگ اسٽيشنون هر وقت تيار رکيون وڃن جڏهن ته جنريٽرن ۽ پمپن کي مڪمل طور تي فعال رکيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته شهرين کي بنا رڪاوٽ پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ موثر قدم کنيا وڃن ڇاڪاڻ ته شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيحات ۾ شامل آهي. دوري جي پڇاڻي تي پي پي لياري جي اڳواڻن سميت لياري مان نون چونڊيل يوسيز چيئرمين ۽ شهرين پاران سي اي او واٽر بورڊ جو شڪريو پڻ ادا ڪيو.

بقايا | سنڌيار | 01

باز ماڻهو آهي جيڪو وقت به وقت ڊراما ڪندو رهي ٿو سانگهڙ وفاقي وزير شازيا عطا مري سول اسپتال ۾ بينظير ڀٽو نشو نما سينٽر جو افتتاح ڪيو ۽ هڪ ايمبوليس اڄڙي ٽرجي ماڻهن لاءِ ڏني ان موقعي جرمني جو ايمبيسيڊر به گڏ هو سانگهڙ وفاقي وزير شازيا عطا مري سانگهڙ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عمران خان جيڪو سرڪس لڳايو آهي ان جي ڪا به اهميت نه آهي عمران خان جڏهن وزير اعظم هو تڏهن به ڊراما ڪندو هو هن شخص کي سمجھ ۾ نه ٿو اچي ته هو ڪري ڇا ٿو سانگهڙ عمران خان صرف پنهنجي ذات لاءِ سوچي ٿو ان وٽ ملڪ ۽عوام لاءِ ڪو به پروگرام ناهي ملڪ جو عوام ڪيس سمجهي ڇڏيو آهي ان ڪري جيل ڀريو تحريڪ ۾ پاڪستان جي عوام ڪيس رد ڪري ڇڏيو

بقايا | سنڌيار | 02

پٽي وڃي جن کي ڪراچي ريفر ڪيو ويو، جڏهن ته ڊرائيور فرار ٿي ويو. جنهن جي ڳولا جاري آهي. ياد رهي ته ٺٽي ۽ مڪلي شهر سميت هيوي لوڊ ڊمپرز نيشنل هائي وي سميت ضلعي ٺٽي جي سمورن مين روڊن تي سرعام اسپيڊ سان گشت ڪندا رهن ٿا جڏهن ته اڪثر ڊرائيور نشي جي صورتحال ۾ ڊمپرز ڊرائيو ڪندي نظر اچن ٿا پر اڪثر ڊمپرز جو مختلف ڪنسٽرڪشن ڪمپنيز جن جا مالڪ حڪومتي سطح تي اثر رسوخ رکڻ ڪري ڊمپرز ڊرائيورن جون مستيون عروج تي هجن ٿيون انهن هيوي لوڊ ڊمپرز جي ڪري سموري ضلعي ۾ اڪثر موتمار حادثا معمول بڻيل آهن پر ضلعي انتظاميا ۽ پوليس ڪاتي جي ڪن لاڻار جي ڪري ضلعي جي عوام مين شاهران تي انهن هيوي لوڊ ڊمپرز جي رحم ڪرم تي هجن ٿا جڏهن ته سموري ضلعي ۾ ڪٿي به ڪو ٽريفڪ جو قانون نظر نٿو اچي اڪثر ٽريفڪ چوڪين تي ٽريفڪ پوليس جا مقرر ٿيل عملدار انهن هيوي لوڊ ڊمپرز سميت مختلف لوڊ ٽرڪن کان ڀتا وٺندي ڏٺا وڃن ٿا جڏهن ته ضلعي جي عوام کي ننڌڪو ڇڏيو ويو آهي

بقايا | سنڌيار | 03

سامان ڏنو ويو. خبر موجب باب العلم فائونڊيشن يو ڪي پاران ضلع نوشهرو فيروز جي 27 ڳوٺن 350 گهر تعمير ڪرڻ سان گڏ ڪين ضروري سامان ورهايو ويو. ڳوٺ نمر وارا ڪوسه ۾ 47 گهر، ڳوٺ سيد جعفر شاهه ۾ 15 گهر، ڳوٺ چتل شاهه ۾ 13 گهر، چلي وارا چانڊيا ۾ 21 گهر، ڏتي بخش سمون ۾ 17 گهر، ڳوٺ ڪاهي قاسم ۾ 3 گهر، ڪنڊيا ڪاهي ۾ 3 گهر، ڳوٺ جمن ڪوسو ۾ 19 گهر، ڪڪا شاهه، يوسف راڄپر ۾ هڪ گهر، ليٽ نگر چانڊيو ۾ 17 گهر، ڪوٽ بهادر ۾ 9 گهر، مصري سولنگي ۾ 15 گهرن سميت مختلف ڳوٺ شامل آهن ان موقعي تي سماجي تنظيم باب العلم جي چيئرمين اڪبر زيدي، سيد ثمر رضا شاهه ٻڌايو ته اسان نوشهرو فيروز مختلف ڳوٺن ۾ گهر تعمير ٿيل گهرن کي سولر پيلٽون، بيٽري، سولر پنکا، سولر بلب سميت هزارين پارن کي چٽوپليون، ڪپڙا، بيمارن جو مڪمل علاج ڪرايو آهي هاڻي اسان مختلف ڳوٺن ۾ سولر پلانٽ تي هلندڙ صاف پاڻي جو آرو پلانٽ لڳرائينداسين، باب العلم جي چيئرمين اڪبر زيدي وڌيڪ چيو ته برسات سبب سڀ کان وڌيڪ نوشهرو فيروز متاثر ٿيو آهي اسان جڏهن پهريو دورو ڪيو ته علائقي ۾ تمام گهڻو پاڻي بيٺل هيو پاڻي نيڪال ۽ سڪڻ بعد اسان متاثر علائقي جو سروري ڪري گهر تعمير ڪيا آهن اسان بغير ڪنهن لالچ رنگ نسل مذهب جي ڪم ڪيو آهي ۽ اسانجي ڪوشش رهندي ته فائونڊيشن جي بنياد تي فنڊ گڏ ڪري وڌيڪ گهر تعمير ڪرايون انسان ذات جي خدمت هڪ عبادت آهي جيڪا خدمت انسان کي امر بنائي ڇڏي ٿي رب ۽ انسان ذات سان رشتو وڌيڪ مظبوط ٿئي ٿو ان عمل سان روحاني سڪون ملي ٿو ان لاءِ سرنڌي وارن کي گهرجي ته غريب ۽ لاچار بي گهر ٿيل ماڻهن کي گهر تعمير ڪرائي ڏين ۽ هن ڪارخير جي ڪم ۾ سهڪار ڪن. ان موقعي تي محمد سليم سيال، ارشاد ڪوسو انور ڪوسو ۽ موجود هيا.

بقايا | سنڌيار | 04

ڪيترن ئي مهينن کان پراسرار بيماري ۾ مبتلا ٿي بستري تي پيل آهي غربت ۽ مفلسي سبب هو پنهنجو علاج نٿو ڪرائي سگهي جنهن سبب سندس گهرڀاتي سخت پريشان آهن انهي حوالي سان پورهيت روشن علي مهتمر جي گهرڀاتين ممتاز علي ارشاد علي محراب علي مائي سپائي ڪزبانو مهتمر ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پورهيت روشن علي مهتمر 6 مهينن کان وٺي بيماري جي بستري تي پيل آهي غربت ۽ مفلسي سبب سندس علاج نٿا ڪرائي سگهون سندس اولاد ۽ گهرواري به بڪ تي ويٺل آهي بيمار پورهيت جي وارثن سنڌ حڪومت چونڊيل نمائندن سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته پورهيت جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائي سندس زندگي بچائي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 05

ڇڏي تفصيل موجب سنڌ جي قديمي اخبار عبرت جي ڊسٽرڪٽ ملير جي سينيئر رپورٽر محمد علي گهوٽو مٿان ڪجھ ڏينهن اڳ سوشل ميڊيا فيس بڪ فيڪ آءِ ڊي تي عابد حسين بليدي پاران ڀتي جو الزام لڳايل وڊيو وائرل ڪئي ويئي. سوشل ميڊيا تي هلندڙ ڪوڙي وڊيو خلاف صحافي محمد علي گهوٽو پاران ميمڻ ڳوٺ ٿاڻي تي عابد حسين بليدي خلاف درخواست جمع ڪرائي ڇڏي. ان موقعي تي صحافي محمد علي گهوٽو بيان ڏيندي ٻڌايو ته منهنجي خلاف ڀتي جي ڪوڙي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ڪري منهنجي عزت نفس کي مجروح ڪيو ويو آهي آئون عزتدار ۽ ايمانداري سان صحافت جهڙي مقدس پيشي کي گذريل 5سالن کان بخوبي نڀائي رهيو آهيان. هن وڌيڪ چيو ته عابد حسين بليدي خلاف ميمڻ ڳوٺ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ درخواست جمع ڪرائي ڇڏي آهي جنهن بعد عابد حسين بليدي پاران مونکي ۽ منهنجي گهر وارن کي موتمار ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون ۽ درخواست واپس ڪڻ جي ناليٰ چيو وڃي ٿو هن پاڪستان جي اعليٰ آداري سپريم ڪورٽ آف پاڪستان، سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي ويسٽ، ايس ايس پي ملير ۽ تمام قانون سان لاڳاپيل سرڪاري ادارن کان انصاف جي گهر ڪري ڇڏي آهي واقعي جي شفاف انڪوائري ڪري ڀتي جو ڪوڙو الزام لڳائيندڙ عابد حسين بليدي خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 06

دوران فرنيچر ڪٽائڻ بعد موبائل چوري جو الزام لڳائيندي معصوم شاگردن کي يرغمال بڻائي 6 ڪلاڪ قيد ڪرڻ واري معاملي تان والدين شاگردن پاران اسڪول انتظاميه خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي سنڌير حسنين امجد علي مريد عباس اسڪرلي شاگردن سميت ٻيا ڪري رهيا هئا هنن اداره تعليم و آگاهي (سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن) پاران قائم اسڪول ماڙي جان الله شاهه انتظاميه يوسي ڪو آرڊينيٽر سيف الله سومرو ۽ استادن خلاف سخت نعريبازي ڪندي مٿان الزام لڳائيندي چيو ته اسان ٻار صبح جو جيئن اسڪول ويا ته اداره تعليم و آگاهي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن اسڪول انتظاميه اسڪول تبديل ڪري رهي هئي اسڪول جو فرنيچر اسان جي معصوم ٻارڙن کان ڪٽايو ويو ۽ وري اتي اسان جي ٻچڙن مٿان موبائل چوري جو ڪوڙو ڊرامو رچائي انهن کي 6 ڪلاڪ يرغمال بڻائي نئي اسڪول جي بلڊنگ ۾ باندي بڻائي ڇڏيو اسان مزدور آهيون جڏهن شام جو گهر پهتاسون ته گهر وارا سخت پريشان هئا انهن ٻڌايو ته ٻچڙا اسڪول کان واپس ناهن آيا اسان انهن جي ڳولا لاءِ اسڪول طرف وياسين جتي اسڪول ۾ پنهنجن ٻچڙن کي اسڪول انتظاميه يوسي ڪو آرڊينيٽر سيف الله سومرو، منو ڪانڊڙو ،الهڏنو ڪانڊڙو ۽ معشوق ڪانڊڙو ٻين قيد ڪري رکيو هيو اسين انهن کي ڇڏرايوسين جتان هي موقعو وٺي فرار ٿي ويا جڏهن ٻچڙن کي ڏٺوسين مٿان سخت تشدد سميت ذهني ٽارچر پڻ ڪيو ويو هو مٿان خوف و حراس ۾ سخت ڊنل هئا اسين تعليمي جي وزير،ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي سکر ۽ اداره تعليم و آگاهي (سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن) جي اعليٰ آفيسرن کان مطالبو ڪيون ٿا ته انڪوائري ڪرائي اسڪول جي شاگردن کي يرغمال ۽ مٿان تشدد ۽ باندي بڻائيندڙ انتظاميه يوسي ڪو آرڊينيٽر سيف الله سومرو خلاف قانوني قدم کڻي اسان کي انصاف سان گڏ تحفظ ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجي دائرو وڌايو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 07

جي دانهن ۽ ڪوڪن تي پرياسي جي هوٽلن ۾ ويٺل ڳوٺاڻن پهچي گاڏي مان مسافرن کي ڪڍيو ڪيترن ئي زخمي مسافرن کي نجي رڪشه ۽ ڊاٽسن ۾ چاڙهي غوٿپور جي سرڪاري اسپتال ۾ روانو ڪيو بئي پاسي غوثپور پوليس به زخمي مسافرن کي پوليس موبائيل ۾ اسپتال روانو ڪيو ۽غوٿپور رورل هيلٿ سينٽر ڊاڪٽر سيد اعجاز احمد شاهه جيلاني پاران ڪرمپور ۽ ڪنڌڪوٽ اسپتال مان ايمبولنس کي گهرايو ويون زخمين ۽ اڪثر پٺاڻ برادري سان واسطو رکندڙ هيا جن جو تعلق ڪوئيٽا سان هيو زخمين ۾ حاجي شهمور جعفري هارون راجپوت صابر حسين گل خان سراج دين عابد شاهه عبادلقادر جلاب خان محمد عباس عبدالرئوف ۽ پيا شامل آهن فوتين ۾ ڪوئيٽا واسي ذيشان ۽ هڪ اڻ سڃاتل شامل آهن زخمين ۾ پنجن جي حالت گنڀير هجڻ سبب ڪين رحيم يارخان ۽ سکر اسپتالن ڏانهن موڪليو ويو آخري اطلاعن موجب ڪوچ ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو ۽ واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو

بقايا | سنڌيار | 08

بصريو ڪوڪري ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڏاڙو ابڙال روڊ باٻڙا سر وٽ هٿيارٻندن مونکي روڪي تشدد بعد 20 هزار نقد رقم ۽ موٽرسائيڪل ڦر ڪئي. جنهن جو فرياد ڪٽي ڏاڙو ٿاڻي پهتاسين ته ڏاڙو پوليس جي ايس ايچ او فرياد وٺڻ بعد مرگواسانکي بيعزتو ڪري ٿاڻي تان ڊوڙائي ڇڏيو. جڏهن ته ڏاڙو پوليس جي ايس ايچ او اختر حسين ڪٽپر ٻڌايو ته ڪوڪري برادري جي ماڻهن ڪان ٿيل ڦر بابت مختلف طريقن سان جانچ ڪري رهيا آهن. هن چيو ته فريادي ڪوڪري برادري جي داخل ڪرايل رپورٽ ۾ وڏو تضاد آهي. ان باوجود ڪوبه جوابدار ملوث نڪتو ان کي جلد گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويندو. هوڏانهن جسقم جي ضلع اڳواڻ انور ملاح. ڪامريڊ اشرف سولنگي ۽ ارباب خليل ميمڻ ڳالهائيندي چيو ته ڏاڙو پوليس امن امان بحال ڪرائڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي. ڏاڙو جي ڪوڪري برادري کان ٿيل ڦر واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا، هنن مطالبو ڪيو ته بدامني جو فوري طور تي نوٽيس ورتو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 09

يونين نوشهروفيروز جي اڳواڻ شاهد سمون جي گهر تي فائرنگ ڪندڙ ۽ گرفتار جوابدار باقر ٻرڙو کان آڌي پڇا جاري آهي. هيٺئر ٿاڻي ڪيل آڌي پڇا ۾ باقر ٻرڙي واردات ۾ گڏ شهباز عرف منو شيدي ۽ جمشيد ميمڻ جا نالا پڻ ڪنيا جن کي پڻ پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي. جڏهن ته شهر جي ٻاٿرن پاران شاهد سمون تي ايف آئي آر داخل نه ڪرائڻ ۽ راجوٽي لاءِ دٻاءُ جاري آهي. هوڏانهن شاهد سمون ساهتي ميڊيا ڪلب کي ٻڌايو ته جوابدار ٻڌائين ته هنن اهڙو ڪم چوءِ ڪنهن جي چوڻ تي ڪيو آهي ، جنهن بعد ايف آئي آر يا راجوٽي جو فيصلو ڪيو ويندو ياد رهي ته جوابدار باقر ٻرڙو مرحوم رحم علي ٻرڙو صاحب جو فرزند آهي، جنهن کي ڪجھ وقت اڳ استاد مشتاق لنڊ به ڳوڊ ورتو هو ۽ هاڻي هو پنهنجي ڀڇي ميڊم بخت بانو ٻرڙو سان رهندڙ هو

بقايا | سنڌيار | 10

ايم طاهر جوکيو مولانا حاجي عيسا جوکيو وائس چيرمين استيل ٽائون امن الدين جوکيو پيپلز پارٽي يوسي ڪوٽيرڙو جي صدر ارشد جوکيو نورگل جوکيو علم دين جوکيو افضل فاروقي طفيل جوکيو نظير احمد جوکيو بلال جوکيو بلال عارفاڻي عجب جوکيو ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ڳالهائيندي ڳالهائيندي چيو ته بيشمار مسئلا آهن اسڪول جي عمارت زبون حالي جو شڪار ۽ اسڪول ۾ فرنيچر جي ڪمي شاگردن جي لاءِ واش روم جو نه هجڻ جي شاگردن کي پريشاني جهڙي صورتحال آ ان حوالي سان ريلي ڪڍي ويئي ريلي پيرسرهندي کان نڪتي جيڪا دارالعلوم ربانيه تي اختتام پزير ٿي پروگرام ۾ وڏي تعداد ۾ صحافين ۽ سماجي سياسي ماڻهن شرڪت ڪئي پروگرام ڳڏاپ پريس ڪلب جي صحافين سينيئر صحافي نظير احمد سنڌيلو آدم سريلو گلشير باريجو موسا چنا کي ثقافتي اجرڪون پارايون

بقايا | سنڌيار | 11

رستمائي کي ڪاڪهرومان ايندي مين روڊ تان زوري اغوا ڪري ڪٺي وڃي پنهنجي گهرن جي پرسان جهنگ ۾ رکي لين ٽونشن ۽ مڪن سان سخت تشدد ڪري زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي اطلاع تي ڏيٿي پوليس پهچي بازياب ڪرايو جنهن جي ڊاڪٽرن موجب اک ۾ شديد زخم هئڻ سبب ضايع ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ ڪيس اکين جي اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي جنهن تي سنڌي شاگرد تحريڪ ضلع بدين جو هنگامي اجلاس تنڊو باگو ۾ هاليپوتا هائوس تي سڏايو ويو جنهن ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ ضلعي بدين جو صدر حبيب ڪلوئي،سريش پيل،رشيد هاليپوتا دلدار نوحاڻي جٽ ميگهواڙ جميل ملاح ۽ ٻين اڳواڻن واقعي جي مذمت ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن خلاف اغوا ۽ حراسمينٽ جي ايف آءِ آر داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي ۽ نعمان جي فيملي کي تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 12

موجب راڻيپور القمر ڪالوني ۾ رات جو نند ستل ماڻهن جي سمورن گهرن جا دروازا لاڪ ڪري چور بي خوف ٿي ثناءُ الله خاصخيلي ،نويد احمد انصاري دوست محمد ڪوسو جي دڪانن سميت چئن دڪانن جا تالا ٽوڙي دڪانن ۾ رکيل روڪ رقم ۽ ٻيو سامان چورائي فرار ٿي ويا شهرين جي اطلاع بعد پوليس پهچي متاثر دڪانن جو معائنو ڪيو۽ دڪانن جي مالڪن کي جلد ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ جي خاطري ڪرائي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين راڻيپور ٿاڻي تي نامعلوم چورن مٿان صرف اين سي داخل ٿيل هئي چوري جو ڪوئي ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

بقايا | سنڌيار | 13

الطاف، مشتاق ۽ عبدالستار لاسي حملو ڪري ڪيس لوهي سريا هئي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا. جن خلاف ٺٽي ٿاڻي تي رپورٽ درج ڪرائڻ باوجود پوليس حملي اور جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، هن چيو ته سندس پاءِ کي دماغ ۾ ڏڪ لڳڻ ڪري اجان تائين علاج هيٺ آهي ته ٻئي طرف وري سندن ڳوٺ جي هڪ عورت خيران زال ريهام کي ساڳئي ڳوٺ جي رهواسي حنيف ميربحر حملو ڪري ڪيس پڻ زخمي ڪري ڇڏيو آهي. جيڪا پڻ علاج هيٺ آهي. پر ٺٽو پوليس حملي آورن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جن مان ڪين وڌيڪ نقصان جو انديشو آهي. هن ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو ته فورن سمورن حملي اور جوابدارن کي گرفتار ڪري زخمين جو بهتر علاج ڪرائي ڪين تحفظ مهيا ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 14

هيپاٽائيٽس جي ڊاڪٽر، ميڊيڪل ڊاڪٽر، نڪ، ڪن چمڙي جا ماهر ڊاڪٽر نه هئڻ ڪري مريض سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا، رپورٽ موجب تعلقي تنڊي باگي جي مين تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن، ڊاڪٽرياڻي، سرجن اسپيشلسٽ ڊاڪٽر، ليبارٽري ٽيڪنيشن، ليبارٽري ٽيسٽ جي عملو خطرناڪ بيماري ڪاري سائي جي شعبي ۾ عملي جي کوٽ، سميت، ٽي بي، نڪ، ڪن، گلي، چمڙي جي بيمارين جا ڊاڪٽر مقرر نه ٿيڻ ڪري هن تعلقه مان غريب بي پهچ ماڻهن کي فائدو نه ملي سگهيو ڊاڪٽر مقرر نه هئڻ ڪري تنڊوباگو شهر جا ماڻهو گڙي خرچ تي پرائيويٽ اسپتالن مان علاج ڪرائڻ لڳا. غريب بي پهچ ماڻهو وقت سر رقم نه هئڻ ڪري بيمارين سبب بستري موت واري زندگي گهاري رهيا آهن، هتان جي رهواسين غلام حيدر ملاح، نظير، درين ڪمار الطاف ملاح، بلاول پٺاڻ ۽ ٻين ٻڌايو ته تعلقه اسپتال ۾ نڪ ڪن گلي خارش ٽي بي، ڪاري سائي جهڙي بيمارين جا ڪي به ڊاڪٽر مقرر نه ڪرڻ تي اسان پرائيويٽ وڏين اسپتالن مان گڙي خرچ تي علاج ڪرائڻ تي مجبور آهيون پر هن تعلقه اسپتال مان انهن بيمارين جو ڪوبه فائدو نه ملي رهيو آهي، هنن وزير صحت، سيڪريٽري صحت کان مطالبو ڪيو ته ڊاڪٽرن جي کوٽ ختم ڪري هتان جي ماڻهن کي صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن جڏهن ته ان حوالي سان ايم ايس ڊاڪٽر محمد اسلم پرگڙي سان رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته واقعي ڊاڪٽرن جي وڏي کوٽ آهي، هن وقت تعلقه اسپتال ۾ صرف 5 ڊاڪٽر مقرر آهن جيڪي تمام گهٽ ڊاڪٽر آهن، او پي ڊي هن وقت روزانو هڪ هزار کان وڌيڪ آهي، ايمرجنسي صورت ۾ ڊاڪٽر ايمرجنسي کي ڪور ڪن يا او پي ڊي تي آيل مريضن کي چيڪ ڪن دوائن جي ڪابه کوٽ ناهي، چتي ڪتي، نانگ ڏنگيل جي ويڪسين پڻ موجود آهي، تعلقه اسپتال تنڊوباگو ۾ هن وقت اسپتال ۾ جيڪي غريب ماڻهو جيڪي وڏين اسپتالن مان عربت سبب آپريشن نه سگهندڙ ماڻهو هن اسپتال مان فري ۾ آپريشن لاءِ او پي ڊي روم قائم ڪيو ويو آهي ۽ جيڪي غريب ماڻهو ٻاهران پرائيويٽ اسپتالن ۾ حامل عورتن جو ويم دوران آپريشن ڪري غريب ماڻهن کان هزارين روپيا فائدو وٺندا هئا پر تعلقه اسپتال ۾ گائنالاجسٽ ڊاڪٽرياڻي مقرر ڪرائي غريب ماڻهن جي فري ۾ علاج ڪيو پيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 15

وقت اڳ سجاد ولد سليم آرائين ۽ دلدار منهنجي ملازم شڪيل ميمڻ جي مدد سان منهنجي هڪ گهر نمبر 1330 مان گهر جا ڪاغذ، الحبيب بئنڪ جو چيڪ بڪ، گهر ۾ لڳل پنکا، گئس سيلينڊر، سيور بلب، پاڻي جو ڊرم ۽ هڪ لک روپيه ڪيش رقم ڪٽي وڃڻ سان گڏ جوابدار سجاد ۽ قيصر جعلسازي ڪري منهنجو گهر نمبر 1330 منور خشڪ سان وڪرڻ سميت سجاد پاران ڪوڙين صحيحن ذريعي سندس بئنڪ اڪائونٽ مان ٻه هڪ لک روپيه ڪيدرائي هڙپ ڪري ڪيس 10 لک روپين جو نقصان پهچايو آهي، پيرسن محمد يعقوب چيو ته سائنس ٿيل انهي ناانصافي جي علائقي جي معززين سميت ايس ايس پي ٺٽو ۽ ترڪش ڪالوني مڪلي جي پوليس چوڪي انچارج کي به ڏيٿي چڪو آهيان. پر ڪتان به انصاف ملي ناهي سگهيو ويٺر ٻااثر جوابدار ڪيس نقصان جون ڌمڪيون ڏيئي ڪيس پنهنجي ئي گهر مان بيدخل ڪرڻ چاهين ٿا. هنن وس وارن کان انصاف جو مطالبو ڪندي چوري ٿيل سامان توڙي وکرو ڪيل گهر واپس ڪرائي جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪري ڪيس تحفظ ڏيڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا | سنڌيار | 16

تي گڏ ٿي جدوجهد ڪرڻ جو سڏ ڏيان ٿو جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي تفصيل موجب جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي بحريا ٽاوين ڪيس ۾ اي ٽي سي 15 ان سائيڊ ڪورٽ سينٽر جيل ڪراچي ۾ ٻڌڻي لاءِ پيش ٿيو ڪيس ۾ شاهد نه اچڻ ڪري عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 18 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته ڪورٽ ٻاهران جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ سان عشق ۽ محبت جي ڏوهه ۾ دهشتگردن لاءِ قائم ڪيل ڪورٽن ۾ ٻيٺا آهيون، هن چيو ته اها رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد ۽ شهيد بابا بشير قريشي جي روايت آهي جنهن تي هلي رهيا آهيو چاڪاڻ ته سنڌ امڙ جي مسئلن جو حل به سيد جي فڪر ۽ شهيد بابا بشير خان جي اختيار ڪيل جدوجهد جي طريقيڪار ۾ آهي، هن چيو ته موجوده صورتحال ۾ سنڌ جو وجود خطري ۾ آهي، ڊجيٽل آدمشماري بنا سجاڳ ڪارڊ جي ڪرائڻ وڏي سازش آهي، سنڌ ۾ موجود لکين غير قانوني ڌارين کي نيڪالي ڏيڻ بدران سنڌ سرڪار ڇهن مهينن تائين رهندڙ ڌارين کي ڊوميسائيل ۽ پي آر سي ڏئي رهي آهي، جيڪو سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جو منصوبو آهي، جنهن تي سجاڳ ٿي قومي بڌي ڪري جدوجهد جي ضرورت آهي، جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي وڌيڪ چيو ته حڪمرانن مهانگائي، بدامني، لاقانونيت تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهن! سنڌ جو وجود خطري ۾ آهي، ڊجيٽل آدمشماري، سنڌو درياهه جو رخ موڙڻ جي سازش، مهانگائي، بدامني ۽ لاقانونيت خلاف سنڌ امڙ جو سڏ ورنائڻ ۽ جدوجهد لاءِ 20 مارچ تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي اڱڻ تي سنڌي قوم کي گڏ ٿيڻ جو سڏ ڏيان ٿو.

بقايا | سنڌيار | 17

جو اٿڻ ويهڻ هنن حرام ڪري ڇڏيو آهي هنن ڳوٺ جي سڪني زمين ۽ آساس واري ڪڏ جا جعلي ڪاغذ ٺهرائي ڪڏ مٿان ڏاڍ مڙسي سان زبردستي ديوارون ناهي گهرن جا گٽر ۽ گهٽيون بند ڪري اسان کي لڏرائڻ چاهين ٿا جنهن سبب ڪري گهرن جو گندو پاڻي گهٽين ۾ جمع ٿي ويو آهي هنن وڌيڪ چيو ت جتي ب هو فيصلو ڪرائين اسان فيصلو مڃڻ لاءِ تيار آهيون هنن اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ت اسان سان ناانصافي ڪندڙن کان انصاف ڏياريو وڃي ورنا نقصان پهچائي سگهن ٿا

بقايا | سنڌيار | 18

جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. تنڊوباگو ۾ منشيات فروش سرعام آئيس وارو نشو وڪرو ڪري شاگردن ۽ ٻين نوجوانن کي تباهه ڪري رهيا آهن. تنڊوباگو پوليس منشيات فروشن خلاف ڪوبه قدم کڻڻ لاءِ تيار ناهي. اسان سمجهون ٿا ان عمل ۾ پوليس سنئون سڌو ملوث آهي جنهن منٿلي عيوض منشيات فروشن آئيس جي ڊيلرن کي کلي ڇوٽ ڏئي ڇڏي آهي. هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد کان گهر ڪئي آهي ته تنڊوباگو ۾ منشيات فروشن خلاف قدم کڻي نوجوان نسل کي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 19

, صفائي ستٿرائي جو نظام درهم برهم ڊرينج سسٽم تباهه , شهري پيئڻ جي صاف مٺي پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ ترسڻ لڳا , ايڊمنسٽريٽر پرويز وساڻ هر مهني اچڻ واري بجيت چور درواز مان ڪڍڻ بعد غائب , ٽائون آفيس کي به تالا لڳل , شهرين پاران احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ جي چتاءُ ڏئي ڇڏي فصيل موجب 9 وارڊن تي مشتمل فقرآباد ٽائون ڪاميٽي ايڊمنسٽريٽر پرويز وساڻ جي مقرري بعد تاريخي شهر فقيرآباد پنهنجي سونهن وڃائي ويٺو , شهر ۾ گذريل چئن مهينن کان صفائي ستٿرائي نه ٿيڻ بعد گندگي جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويو, شهر جي مين مارڪيٽ ۾ ڪچرو گڏ ٿيڻ سبب بزرگ شهرين معصوم ٻارن ۽ عورتن کي اچڻ وڃڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچڻ لڳيون , گذريل چئن مهينن کان مين نالن جي صفائي ستٿرائي نه ٿيڻ ڪري گندو پاڻي گهرن اندر داخل ٿي ويو آهي روڊن گهٽين ۾ گندو پاڻي بيٺل هجڻ سبب شهري توڙي اسڪولي شاگرد گندي پاڻي مان گذرڻ لڳا , فقيرآباد ۾ ڊرينيج سسٽم مڪمل تباهه , شهري پيئڻ جي صاف مٺي پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ ترسڻ لڳا ويا , شهري بنيادي سهولتن کان محروم , ٽائون ايڊمنسٽريٽر پرويز وساڻ ۽ ٽائون آفيسر هر مهني اچڻ واري 80 لک روپيا قسط کي ڪوٽيشن تي ڪاغذي ڪاروائي ۾ هڙپ ڪرڻ ۾ مصروف , هن شهر جو ڪوبه والي وارث ناهي , ڪوبه ڌڻي سائين ناهي , فقيرآباد جي رهواسين تڪ جي صوبائي مشير زراعت منظور حسين وساڻ , نوڪل گورنميٽ جي وزير ۽ سيڪريٽري نوڪل گورنميٽ کان مطالبو ڪيو ته ڪرپٽ ايڊمنسٽريٽر پرويز وساڻ جي مقرري کان اڄ تائي فقيرآباد ٽائون ڪاميٽي جي اڪائونٽ ڪان نڪتل ڪروڙين روپين جي رقم جي شفاف انڪوائري ڪئي وڃي , ڪرپٽ ايڊمنسٽريٽر پرويز وساڻ کي هٽائي ايماندار فرض شناس ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو وڃي , شهر ۾ صفائي ستٿرائي ڪرائي وڃي ته جيئن اسان سڪون سان پنهنجي زندگي گذاري سگهون.

بقايا | سنڌيار | 20

غلام مجتبا سوهو. آرٿو ميٽرسٽ ڊاڪٽر علي بخش لغاري . جنرل فزيشن ڊاڪٽر جاويد احمد سومرو , ۽ ٻارڙن جي بيمارين جو ماهر ڊاڪٽر محمد نصرالله سابقي , دل, جگر, معده , شگر جو ماهر ڊاڪٽر ٺاڪور داس 1000 مريضن جو چيڪ اپ ڪيو ۽ مفت دوائون ڏنيون جڏهن ته شگر ۽ بلڊ پريشر, مليريا جون ٽيسٽون پڻ ڪيون ويون ۽ دوائون پڻ مفت فراهم ڪيون ويون ان موقعي تي يوٿ ڪاميٽي جي ڪارڪنن فياز علي شيخ ساجد علي سومرو ماجد علي حبيب الله سومرو رفيق احمد فاروق سولنگي رحمان سولنگي والنتيئر طور فرض سرانجام ڏنا ۽ چيو ته اسان جي ٽيم بناڪنهن ذات پات رنگ ۽ نسل جي مسلسل نون سالن 9 کان مفت ۾ ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي بي پهچ ماڻهن کي صحت جون سهولتون ڏئي رهي آهي هن ڪئمپ جي خصوصيت اها هئي جو هيپا ٽائيٽس اي ۽ بي جون 200 کان وڌيڪ مريضن جو ن ٽيسٽون ڪرڻ کان علاوه مختلف بيمارين جون ٽيسٽون ڪري سهولت فراهم ڪئي وئي اڳواڻن چيو ته هن علائقي ۾ گذريل برساتن جي ڪري بيٽ جون بيماريون , چمڙي جون بيماريون ۽ هاءِ بلڊ پريشر جهڙيون بيماريون عام ٿينديون ٿيون وڃن جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪئمپ لڳائي ته جيئن غريب ماڻهو کي رليف ملي

بقايا | سنڌيار | 21

جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي. تفصيل موجب سيرائي پرسان بدين ضلعي جي ساموندي پٽي جي يونين ڪائونسل دودو سومرو جي ڳوٺ الهرکيو جت جي سرڪاري پرائمري اسڪول الهرکيو جت جي گذريل ٽن مهينن کان استاد نه هئڻ ڪري اسڪول بند پيل آهي جنهن سبب هڪ سئو کان مٿي شاگردن جو مستقبل تباهه ٿيڻ لڳو آهي مستقبل جا معمار تعليم جهڙي زيور کان محروم بڻيل آهن اسڪول جي شاگردن ۾ فدا حسين،انورعلي،سجاد علي،عمران،ڪامران ۽ والدين ۾ گل حسن،ڦوٽو،بشاالله،محمد شريف،محمد ابراهيم ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڳالهائيندي چيو ته هن اسڪول تي پرياسي جي ڳوٺن ۾ حاجي بجو ملاح،عمر خاصخيلي،عبدالستار ملاح،خان محمد ملاح،محمد حسن ملاح جي ڳوٺن مان شاگرد علم جي اڃ اجهائڻ اچن ٿا اسڪول تي استاد نه هئڻ ڪري راند ڪيڏي واپس گهر موٽي وڃن ٿا هنن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته اسان اعليٰ اختيارين ۾ تعليم جي صوبائي وزير ۽ ٻين وسوارن کان گهر ٿا ڪريون ته اسڪول تي استاد مقرر ڪري مستقبل جي معمارن جي تعليم تباهه ٿيڻ بچايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 22

تي ٻهتا تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر علي زيدي ميڊيا ۽ سردار شير محمد رند ميڊيا کي ٻڌايو ته اسان مسلم ليگ ن اڳواڻ شڪيل جلباڻي کي تحريڪ انصاف ۾ شموليت لاءِ دعوت ڏيڻ لاءِ آيا آهيون پيپلز پارٽي سنڌ ۾ تباهي ڪري ڇڏي آهي پيپلز پارٽي سنڌ جا ڪيترائي اڳواڻ تحريڪ انصاف ۾ شموليت ڪرڻ لاءِ رابطي ۾ آهن مسلم ليگ ن اڳواڻ شڪيل خان جلباڻي ڪيس دوستن سان صلاح مشورا ڪري شموليت بابت جواب ڏنو ويندو اڳواڻن وچ ۾ علائقي جي سياسي صورتحال تي ڳالھ ٻولھ پڻ ٿي ذريعن موجب مسلم ليگ ن اڳواڻ شڪيل جلباڻي پنهنجي پارٽي ن ليگ کان نارض آهي ۽ تمام جلد تحريڪ انصاف ۾ باضابط طور شموليت جو اعلان ڪندو جڏهن ته شڪيل خان جلباڻي جي تحريڪ انصاف ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ تعلقي پريا جو وايون منڊل تبديل ٿيڻ جا امڪان آهن

بقايا | سنڌيار | 23

پاڪستان پيپلزپارٽي کي ووٽ ڏيندا آيا آهيون هاڻي به اسان جي يونين ڪائونسل راهڙڪي جو چيئرمين پيپلزپارٽي جو پريل خان راهڙ ڪامياب ٿيو آهي اليڪشن کان اڳ ۾ واعدو ڪيو هو ته توهان کي آروپلانٽ گيس ۽ ٻيو بنيادي سهولتون فراهم ڪندا سون هن وقت تائين اسان کي آروپلانٽ ۽ گيس ٻيون بنيادي سهولتن کان محروم آهيون اسان يونين ڪائونسل راهڙڪي جي چيئرمين پريل خان راهڙ ۽وسوارن کي اپيل ڪيون ٿا ته مٿي ڄاڻايل سهولتون ڏنيون وڃن جئي اسان وڌيڪ تڪليف کان بچي سگهون

بقايا | سنڌيار | 24

سان ڳالهائيندي صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز سيد ضياءِ عباس شاهه رضوي چيو ته اڄ يونيورسٽي مان ڊگريون حاصل ڪندڙن جو جوش ۽ جذبو ٻڌائي رهيو آهي ته هو پنهنجي مستقبل جي باري ۾ ڪيترا پرعزم آهن هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جو مستقبل انجنيئرنگ جي شعبي سان وابسته آهي انجنيئرنگ جي تعليم سان پڻ ترقي جي حدفن کي حاصل ڪري سگهجي ٿو هن وڌيڪ چيو ته هي شاگرد ۽ شاگرديائيون اسان جي قوم جو مستقبل آهن اميد آهي ته هي ڊگريون حاصل ڪندڙ پنهنجي ملڪي ترقي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته اڄ ايترن شاگردن پاران يونيورسٽي مان پي ايڇ ڊي , ماسٽرس ۽ بيچلرس جون حاصل ڪرڻ تي ڪين مبارڪباد پيش ڪيان ٿو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت تعليمي جي بهتري لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي چاڪاڻ ته تعليم کان بغير ترقي ممڪن نه آهي ان موقعي تي ڪانووڪيشن جي تقريب کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر قائدعوام انجنيئرنگ يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر سليم رضا سمون چيو ته يونيورسٽي جي مين ڪئمپس سميت لاڙڪانو ڪئمپس جي 16 شعبن ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين کي انجنيئرنگ، سائنس , ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ ٻين شعبن ۾ تعليم ڏني پئي وڃي هن ڊگريون حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين ۽ انهن جي والدين کي مبارڪ باد ڏيندي چيو ته اميد آهي ته هي نوجوان مستقبل ۾ پڻ انهي جذبي سان محنت جاري رکندي پنهنجي ملڪ، قوم جو نالو روشن ضرور ڪندا ان موقعي تي صوبائي وزير سيد ضياءِ عباس شاهه رضوي ۽ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سليم رضا سمون يونيورسٽي جي مين ڪيمپس ۽ لاڙڪاڻي ڪيمپس جي سال 2018 ايف بيچ جي 170 شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ ڊگريون تقسيم ڪيون جن ۾ 2 پي ايڇ ڊي، 1 ماسٽرز انجنيئرنگ ۽ 167 بيچلرز جو ڊگريون شامل آهن جڏهن ته مختلف شعبن جي 9 شاگردن ۽ شاگرديائين کي گولڊ ميڊيل، 24 سلور ميڊل ۽ 65 کي ميرٽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا جڏهن ته يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سليم رضا سمون مهمان خاص صوبائي وزير سيد ضياءِ عباس شاهه. ايم پي اي علي حسن زرداري ۽ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو کي اعزازي شيلڊون پيش ڪيون تقريب ۾ ميمبر سنڌ اسيمبلي علي حسن زرداري ، ايم پي اي غلام قادر چانڊيو،وائيس چانسلر ونٽري يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر فاروق حسن شاهه وائيس چانسلر پيپلز ميڊيڪل يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر گلشن ميمڻ، وائيس چانسلر بينظير ڀٽو يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر امانت علي جلباڻي، ايڊيشنل ڪمشنر شهيد بينظيرآباد فياض حسين راهوجو انفارميشن آفيسر شير محمد جمالي سميت يونيورسٽي جي سابق ۽ موجوده پروفيسرن ڪانسواءِ سياسي سماجي اڳواڻن،شاگردن، شاگرديائين ۽ سندن والدين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 25

وارثن کي قانوني طريقي سان هر ممڪن سهڪار جي خاطري ڪرائي ان موقعي تي قومي اسيمبلي جي اڳوٽي ڊپٽي سيد ظفر علي شاهه صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته حاڪم بروهي کي ناحق قتل تي دلي صدمو پهتو آهي اسان کي ضلعي ۾ امن امان جي حوالي سان صورتحال بدتر آهي ۽ پوليس ڏوهارين آڏو بيوس بڻجي عوام کي ڏوهارين جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي هن چيو ته هاڻي ته ماڻهون گهرن ۾ به محفوظ ناهن پوليس جي نااهلي جي ڪري قرن ۽ چورين ۾ اضافو ٿي ويو آهي ۽ ڦر مزاحمت تي حاڪم بروهي کي قتل ڪيو ويو پر پوليس قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي آهي هن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان گهر ڪئي ته مقتول دڪاندار حاڪم بروهي جي خون سان انصاف ڪري قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تي پهچايو وڃي ٻي صورت ۾ ضلعي انڊر انتظاميا خلاف احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا | سنڌيار | 26

هائوس ۾ هڪ ڏينهن ملهائڻ جي دعوت ڏيندي چيو ته توهان گورنر هائوس ۾ هڪ ڏينهن مهمان هوندا، جنهن ۾ توهان کي سڄي گورنر هائوس جو دورو پڻ ڪرايو ويندو اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ جي گورنر اسپورٽس ويڪ جي اختتامي تقريب کي خاص مهمان طور شرڪت جي موقعي تي ڳالهائيندي ڪيو گورنر جو پنڊال ۾ پهچڻ تي شاگردن شاندار استقبال ڪيو جنهن تي هن ٻارن جو گرمجوشي سان استقبال ڪرڻ تي سندن شڪريو ادا ڪندي چيو ته مان جڏهن ڪان سنڌ جو گورنر بڻيو آهيان مختلف پروگرامن ۾ شرڪت ڪئي آهي پر اڄ جو پروگرام تمام گهڻو وڻندڙ رهيو مختلف رانديون ڏسي مونکي اسڪول جا ڏينهن ياد اچي ويا. سيد شڪيل احمد جي اچڻ کان پوءِ جتي اوپر ضلعي ۾ ترقياتي ڪمن ۾ تيزيءَ سان اضافو ٿيو آهي، اتي صحت مند سرگرمين ۽ تقريبون پڻ منعقد ٿي رهيون آهن. جيڪو سراهه جوڳو عمل آهي. انٽرنيٽ جي هن دور ۾ ٻارن ۽ نوجوانن کي پنهنجي صحت لاءِ ميدانن ڏانهن وڃڻو پوندو آهي.

بقايا | سنڌيار | 27

محلن جو روڊن هنگامي دورو ڪري صفائي ۽ ڊرينيج بابت جائزو ورتو ان موقعي تي هن شهر جي مختلف پمپنگ اسٽشن تي پهچي شهر جي گندي پاڻي نيڪال ٿيڻ بابت جاچ ڪئي جنهن تي ميونسپل ايڊمنسٽريٽر جاويد راهيرو چيو ته پمپنگ اسٽشن تي ڏينهن رات بجلي ناهي جو گندو پاڻي نيڪال ٿي سگهي هن سيپڪو انجنيئر ديورن داڊو عبدالعزيز پنهور کي هدايت ڪئي ته جلد پمپنگ اسٽشن تي بجلي فراهم ڪري شهر جي فيڊرن تي هلايون وڃن ۽ مختلف روڊن تا بجلي جا پول هٽايا وڃن. جنهن تي سيپڪو انجنيئر پاران چيو ويو بجلي اسان هر حال ۾ ڊينداسين پر پمپنگ اسٽيشن کي سولر سسٽم تي هلايو وڃي ته جيئن ڏينهن رات پمپنگ اسٽيش هلي سگهن

بقايا | سنڌيار | 28

جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو هن موقعي تي استاد اڳواڻن علي مراد خاصخيلي نور جوکيو عبدالله مهراڻپوٽو اختر ڳاڏاهي شاهزيب رضا ۽ ٻين صحافين جي اڳيان ڏانهيندي چيو ته ڪين آرڊر ملڻ ۽ جوائننگ ڏيڻ کي 10 مهينا گذري ويا آهن پر هواجان تائين پگهارن کان محروم ۽ سخت مالي مشڪلاتن جو شڪار آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ وزير تعليم کان مطالبو ڪيو ته بدين جي نون ڀرتي ٿيل استادن کي سندن 10 مهينن جون پگهارون جاري ڪري ڪين پريشانين کان بچايو وڃي ٻي صورت ۾ هو سنڌ اسيمبلي جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيندا

بقايا | سنڌيار | 29

وڏيرو محمد صديق جوڻيجو محمد حنيف جوڻيجو عبدالحميد جوڻيجو خميسو خان جوڻيجو نظير احمد جوڻيجو ۽ ٻين نيشنل پريس ڪلب دولت پور پهچي نيشنل پريس ڪلب دولت پور جي صدر علي نواز راڄپر رياض حسين ملاح محمد عثمان عباسي فقير حقنواز قلندري جي ايم جوڻيجو عرفان چنا سردار رسول بخش انڙ مختيار حسين انڙ ۽ ٻين کي مبارڪون ڏنيون ۽ گلن جا هار پارايا ان موقعي تي صدر علي نواز راڄپر ۽ نيشنل پريس ڪلب جي پوري ٽيم آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا

بقايا | سنڌيار | 30

دادو قمبر شهدادڪوٽ ضلعن توڙي پاڪستان جي چئن صوبن سميت موهن جو دڙو پرپاسي جي علائقن نصيرآباد باقرائي رتوديرو ڏوڪري سميت ننڍين وڏن شهرن کان ماڻهو پنهنجن فيملين ۽ ننڍڙن ٻارڙن سان گڏجي گهمڻ لاءِ موهن جو دڙي تي پهتا موهن جي دڙي تي آيل سياحن جي استوپا گريٽ باٿ ڊي ڪي ايريا ۽ ميوزيم سميت ٻين قديمي آثارن تي رش رهي جڏهن ته تفريح لاءِ آيل سياح قديمي آثار گهمي خوب مزو ماڻين ٿا جڏهن ته سڄو ڏينهن تفريح لاءِ آيل ماڻهن جا ميلا متل رهن ٿا جڏهن ته ننڍڙا ٻارڙا جهولن ۽ باغ باغيچن ۾ ڪيڏندا رهن ٿا ۽ خوب مزو وٺي ٽائيم پاس ڪندا رهن ٿا. هوڏانهن موهن جي دڙي تي گهمڻ لاءِ آيل ماڻهن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته موهن جو دڙو قديم ماڳ آهي اسان کي گهرجي ته اسان پاڻ پنهنجي تهذيب جي حفاظت ڪيون هنن وڌيڪ چيو ته موهن جي دڙي تي اچي ڪري اسين خوب مزو ورتو آهي هنن چيو ته موهن جي دڙي کي ڏسي ڪري اسان کي خبر پوي ٿي ته هن زماني جا ماڻهو ڪيترا چالاڪ هوشيار ۽ ڏاها هوندا هئا هنن چيو ته موهن جي دڙي تي سياحن لاءِ خاص طور تي عورتن لاءِ فيملي ريسٽورنٽ ناهڻ گهرجي ته جيئن اهي پنهنجن فيملن سان ڪنهن سٺي جاءِ تي رهائش اختيار ڪري سگهن هنن چيو ته هتي سٺي هوٽل جي تمام گهڻي ضرورت آهي جيئن پري پري کان تفريح لاءِ آيل ماڻهن کي کاڌي پيتي جي لاءِ ڀٽي هنڌ وڃڻ جي ضرورت نه پئجي سگهي جڏهن ته موسم بهتر هجڻ جي ڪري موهن جو دڙو ماڻهن جو مرڪز بڻيل آهي.

بقايا | سنڌيار | 31

تعلقي جي ايس يو پي عهديدارن ۽ ڪارڪنن جو اهم اجلاس سن ۾ سائين جي ايم سيد جي درياءَ واري بنگلي تي مرڪزي جنرل سيڪريٽري امير علي ٿيٻو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو گڏجاڻي ۾ تعلقه صدر علي نواز ڪنير محمد عمر آبڙو امام الدين ڇچر مولا بخش ڇچر ۽ ٻين شرڪت ڪئي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پهرين مارچ تي ايس يو پي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه جي قيادت ۾ سکر کان ڪراچي لاءِ نڪتل لانگ مارچ قافلو آمري قاضي احمد پل تي پهچڻ تي هزارين عوام سندس شاندار استقبال ڪندو ان سلسلي ۾ رابطا مهم تيز ڪئي وئي انڊس هاءِ وي جي بس اسٽاپن کي جهنڊن سان سينگارڻ جو سلسلو جاري آهي

بقايا | سنڌيار | 32

اياز حسين مشوري پاران ساماري ۾ روينيو ڪامپليڪس ۾ پروقار تقريب منعقد وئي ، تقريب ۾ روينيو کاتي جي عملدارن کي مجتا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا ، ان موقعي اياز حسن مشوري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته روينيو ڊپارٽمينٽ هر حوالي ايمرجنسي جي بنياد تي اڳڀرو آهي روينيو ڊپارٽمينٽ اي کان زيڊ تائين سمورن عملدارن پنهنجو پنهنجو هن مها ٻوڏ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ، هن وڌيڪ چيو ته روينيو کاتي جي اسٽاف پاران 2022 جي ٻوڏ ۾ تعلقي جي عوام سان ڀرپور سهڪار ڪرڻ سان گڏوگڏ گهر گهر سروي مهم ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندڙ عملدارن جي حوصلاافزائي لاءِ مجتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا آهن ، جڏهن ته ٻئي مرحلي ۾ ماسترن ۽ تعلقه اسپتال ساماروجي ڪووڊ 19 جي اسٽاف به روينيو کاتي سان گڏجي سروي ۾ ڪم ڪيو انهن ۾ جن جن جي وڌيڪ سروي انٽري هوندي انهن کي به مجتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويندا ، جڏهن ته تقريب ۾ مختياڪار سامارو لياقت علي راجپوت (پٽي) سميت تپيدارن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ، آخر ۾ روينيو کاتي جي عملدارن مختيار ڪار سامارو لياقت راجپوت (پٽي) پبلڪ هيلٿ کاتي انجنئر زاهد حسين قائم خاني ، A/C آفيس اسسٽنٽ ڪلارڪ رميش ڪمار سوني ، تپيدار سيد علي قطب شاهه ، تعلقي سامارو جي روينيو کاتي جي دل سڏيو ويندڙ تپيدار غوث بخش راهو ، مختيارڪار آفيس سامارو ڪلارڪ جاويد ڪنير ، ڪمپيوٽر آپريٽر ڪيلاش ڪمار ميگهواڙ کي مجتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا .

بقايا | سنڌيار | 33

سهولتن بابت پڇاڻو ڪيو، ان موقعي تي ريحانه لغاري اسپتال جي ڊي ايڇ او شهناز خواجه، ايم ايس پيرو مل سميت سڄي عملي کي گهرائي غائب ڊاڪٽرن جا تفصيل ورتا، ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شهناز خواجه لاچاري ڏيکاريندي چيو ته مونکي ڪير به نٿو مڃي , ڪلارڪ نصيب الله ميمڻ ۽ ڪلارڪ حنيف عمراڻي اسپتال جا ڪرتا ڌرتا آهن آئون پاڻ بيوس آهيان. هن چيو ته اسپتال تي 40 ڊاڪٽر مقرر ٿيل آهن پر چند ڊاڪٽرن کان سواءِ ڪير به ڊيوٽي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي، سڀ ٻااثر ڊاڪٽر آهن جڏهن ته ايم ايس عبدالجبار جمالي موڪل تي آهي، ان موقعي تي ريحانه لغاري صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سول اسپتال سجاول جون شڪايتون وڏي ويون آهن آئون بنا پروٽول ڪول جي سول اسپتال سجاول جي ايمرجنسي وارڊ ۾ پهتس ته ڊاڪٽر ۽ ٻيو ڪوبه عملو موجود نه هو مريض تڙپي رهيا هئا، اسپتال ۾ صفائي ستٿرائي به نه ٿيل هئي، ريحانه لغاري چيو ته ضلع جي اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي کوٽ آهي دوائون اٿلي آهن بجيت جو غلط استعمال ٿي رهيو آهي سول اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ داخل ٿيندڙ مريضن کي سنڌ جي مختلف اسپتالن ڏانهن علاج لاءِ ليٽر ڏئي روانو ڪيو پيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 34

ڪري هو سخت پريشان ٿي مسافر سوزوڪين ۾ جانورن سان گڏ سفر ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن هنن چيو ته جيڪي مسافر وينون هن روٽ تي هلن ٿيون اهي رگو ٺٽو کان حيدرآباد جا مسافر کڻن ٿيون جيڪي رستي جي ماڻهن کي کڻڻ لاءِ تيار ناهن. جنهن ڪري بيمار توڙي ٻڍڙيوال ماڻهون سخت پريشان آهن. هنن چيو ته سنڌ جي ٻين شهرن جي عوام پيپلز بس سروس ذريعي سستن ڪرائين ۾ ايئر ڪنڊيشن ۽ آرامده بسن جي سيٽن تي ويهي سفر پئي ڪري پر هتان جي عوام خاص طور عورتون ۽ ٻارڙا سوزوڪين ۾ جانورن سان گڏ انهن جي گندگي ۾ سفر ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهن. پر هتان جي رهواسين جي هن سفري سهوليتن ڏانهن ڪير به ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، هنن

بقايا | سنڌيار | 35

, صفائي ستٿرائي جو نظام درهم برهم ڊرينج سسٽم تباهه , شهري پيئڻ جي صاف مٺي پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ ترسڻ لڳا , ايڊمنسٽريٽر پرويز وساڻ هر مهني اچڻ واري بجيت چور درواز مان ڪڍڻ بعد غائب , ٽائون آفيس کي به تالا لڳل , شهرين پاران احتجاجي تحريڪ شروع ڪرڻ جي چتاءُ ڏئي ڇڏي فصيل موجب 9 وارڊن تي مشتمل فقرآباد ٽائون ڪاميٽي ايڊمنسٽريٽر پرويز وساڻ جي مقرري بعد تاريخي شهر فقيرآباد پنهنجي سونهن وڃائي ويٺو , شهر ۾ گذريل چئن مهينن کان صفائي ستٿرائي نه ٿيڻ بعد گندگي جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويو, شهر جي مين مارڪيٽ ۾ ڪچرو گڏ ٿيڻ سبب بزرگ شهرين معصوم ٻارن ۽ عورتن کي اچڻ وڃڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچڻ لڳيون , گذريل چئن مهينن کان مين نالن جي صفائي ستٿرائي نه ٿيڻ ڪري گندو پاڻي گهرن اندر داخل ٿي ويو آهي روڊن گهٽين ۾ گندو پاڻي بيٺل هجڻ سبب شهري توڙي اسڪولي شاگرد گندي پاڻي مان گذرڻ لڳا , فقيرآباد ۾ ڊرينيج سسٽم مڪمل تباهه , شهري پيئڻ جي صاف مٺي پاڻي جي ڦڙي ڦڙي لاءِ ترسڻ لڳا ويا , شهري بنيادي سهولتن کان محروم , ٽائون ايڊمنسٽريٽر پرويز وساڻ ۽ ٽائون آفيسر هر مهني اچڻ واري 80 لک روپيا قسط کي ڪوٽيشن تي ڪاغذي ڪاروائي ۾ هڙپ ڪرڻ ۾ مصروف , هن شهر جو ڪوبه والي وارث ناهي , ڪوبه ڌڻي سائين ناهي , فقيرآباد جي رهواسين تڪ جي صوبائي مشير زراعت منظور حسين وساڻ , نوڪل گورنميٽ جي وزير ۽ سيڪريٽري نوڪل گورنميٽ کان مطالبو ڪيو ته ڪرپٽ ايڊمنسٽريٽر پرويز وساڻ جي مقرري کان اڄ تائي فقيرآباد ٽائون ڪاميٽي جي اڪائونٽ ڪان نڪتل ڪروڙين روپين جي رقم جي شفاف انڪوائري ڪئي وڃي , ڪرپٽ ايڊمنسٽريٽر پرويز وساڻ کي هٽائي ايماندار فرض شناس ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو وڃي , شهر ۾ صفائي ستٿرائي ڪرائي وڃي ته جيئن اسان سڪون سان پنهنجي زندگي گذاري سگهون.

بقايا | سنڌيار | 36

تي گڏ ٿي جدوجهد ڪرڻ جو سڏ ڏيان ٿو جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي تفصيل موجب جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي بحريا ٽاوين ڪيس ۾ اي ٽي سي 15 ان سائيڊ ڪورٽ سينٽر جيل ڪراچي ۾ ٻڌڻي لاءِ پيش ٿيو ڪيس ۾ شاهد نه اچڻ ڪري عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 18 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته ڪورٽ ٻاهران جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ سان عشق ۽ محبت جي ڏوهه ۾ دهشتگردن لاءِ قائم ڪيل ڪورٽن ۾ ٻيٺا آهيون، هن چيو ته اها رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد ۽ شهيد بابا بشير قريشي جي روايت آهي جنهن تي هلي رهيا آهيو چاڪاڻ ته سنڌ امڙ جي مسئلن جو حل به سيد جي فڪر ۽ شهيد بابا بشير خان جي اختيار ڪيل جدوجهد جي طريقيڪار ۾ آهي، هن چيو ته موجوده صورتحال ۾ سنڌ جو وجود خطري ۾ آهي، ڊجيٽل آدمشماري بنا سجاڳ ڪارڊ جي ڪرائڻ وڏي سازش آهي، سنڌ ۾ موجود لکين غير قانوني ڌارين کي نيڪالي ڏيڻ بدران سنڌ سرڪار ڇهن مهينن تائين رهندڙ ڌارين کي ڊوميسائيل ۽ پي آر سي ڏئي رهي آهي، جيڪو سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جو منصوبو آهي، جنهن تي سجاڳ ٿي قومي بڌي ڪري جدوجهد جي ضرورت آهي، جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي وڌيڪ چيو ته حڪمرانن مهانگائي، بدامني، لاقانونيت تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهن! سنڌ جو وجود خطري ۾ آهي، ڊجيٽل آدمشماري، سنڌو درياهه جو رخ موڙڻ جي سازش، مهانگائي، بدامني ۽ لاقانونيت خلاف سنڌ امڙ جو سڏ ورنائڻ ۽ جدوجهد لاءِ 20 مارچ تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي اڱڻ تي سنڌي قوم کي گڏ ٿيڻ جو سڏ ڏيان ٿو.

بقايا | سنڌيار | 37

سان ڳالهائيندي صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز سيد ضياءِ عباس شاهه رضوي چيو ته اڄ يونيورسٽي مان ڊگريون حاصل ڪندڙن جو جوش ۽ جذبو ٻڌائي رهيو آهي ته هو پنهنجي مستقبل جي باري ۾ ڪيترا پرعزم آهن هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جو مستقبل انجنيئرنگ جي شعبي سان وابسته آهي انجنيئرنگ جي تعليم سان پڻ ترقي جي حدفن کي حاصل ڪري سگهجي ٿو هن وڌيڪ چيو ته هي شاگرد ۽ شاگرديائيون اسان جي قوم جو مستقبل آهن اميد آهي ته هي ڊگريون حاصل ڪندڙ پنهنجي ملڪي ترقي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته اڄ ايترن شاگردن پاران يونيورسٽي مان پي ايڇ ڊي , ماسٽرس ۽ بيچلرس جون حاصل ڪرڻ تي ڪين مبارڪباد پيش ڪيان ٿو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت تعليمي جي بهتري لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي چاڪاڻ ته تعليم کان بغير ترقي ممڪن نه آهي ان موقعي تي ڪانووڪيشن جي تقريب کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر قائدعوام انجنيئرنگ يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر سليم رضا سمون چيو ته يونيورسٽي جي مين ڪئمپس سميت لاڙڪانو ڪئمپس جي 16 شعبن ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين کي انجنيئرنگ، سائنس , ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ ٻين شعبن ۾ تعليم ڏني پئي وڃي هن ڊگريون حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين ۽ انهن جي والدين کي مبارڪ باد ڏيندي چيو ته اميد آهي ته هي نوجوان مستقبل ۾ پڻ انهي جذبي سان محنت جاري رکندي پنهنجي ملڪ، قوم جو نالو روشن ضرور ڪندا ان موقعي تي صوبائي وزير سيد ضياءِ عباس شاهه رضوي ۽ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سليم رضا سمون يونيورسٽي جي مين ڪيمپس ۽ لاڙڪاڻي ڪيمپس جي سال 2018 ايف بيچ جي 170 شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ ڊگريون تقسيم ڪيون جن ۾ 2 پي ايڇ ڊي، 1 ماسٽرز انجنيئرنگ ۽ 167 بيچلرز جو ڊگريون شامل آهن جڏهن ته مختلف شعبن جي 9 شاگردن ۽ شاگرديائين کي گولڊ ميڊيل، 24 سلور ميڊل ۽ 65 کي ميرٽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا جڏهن ته يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر سليم رضا سمون مهمان خاص صوبائي وزير سيد ضياءِ عباس شاهه، ايم پي اي علي حسن زرداري ۽ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو کي اعزازي شيلڊون پيش ڪيون تقريب ۾ ميمبر سنڌ اسيمبلي علي حسن زرداري ، ايم پي اي غلام قادر چانڊيو،وائيس چانسلر ونٽري يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر فاروق حسن شاهه وائيس چانسلر پيپلز ميڊيڪل يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر گلشن ميمڻ، وائيس چانسلر بينظير ڀٽو يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر امانت علي جلباڻي، ايڊيشنل ڪمشنر شهيد بينظيرآباد فياض حسين راهوجو انفارميشن آفيسر شير محمد جمالي سميت يونيورسٽي جي سابق ۽ موجوده پروفيسرن ڪانسواءِ سياسي سماجي اڳواڻن،شاگردن، شاگرديائين ۽ سندن والدين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 38

هيپاٽائيٽس جي ڊاڪٽر، ميڊيڪل ڊاڪٽر، نڪ، ڪن چمڙي جا ماهر ڊاڪٽر نه هئڻ ڪري مريض سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا، رپورٽ موجب تعلقي تنڊي باگي جي مين تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن، ڊاڪٽرياڻي، سرجن اسپيشلسٽ ڊاڪٽر، ليبارٽري ٽيڪنيشن، ليبارٽري ٽيسٽ جي عملو خطرناڪ بيماري ڪاري سائي جي شعبي ۾ عملي جي کوٽ، سميت، ٽي بي، نڪ، ڪن، گلي، چمڙي جي بيمارين جا ڊاڪٽر مقرر نه ٿيڻ ڪري هن تعلقه مان غريب بي پهچ ماڻهن کي فائدو نه ملي سگهيو ڊاڪٽر مقرر نه هئڻ ڪري تنڊوباگو شهر جا ماڻهو گڙي خرچ تي پرائيويٽ اسپتالن مان علاج ڪرائڻ لڳا. غريب بي پهچ ماڻهو وقت سر رقم نه هئڻ ڪري بيمارين سبب بستري موت واري زندگي گهاري رهيا آهن، هتان جي رهواسين غلام حيدر ملاح، نظير، درين ڪمار الطاف ملاح، بلاول پٺاڻ ۽ ٻين ٻڌايو ته تعلقه اسپتال ۾ نڪ ڪن گلي خارش ٽي بي، ڪاري سائي جهڙي بيمارين جا ڪي به ڊاڪٽر مقرر نه ڪرڻ تي اسان پرائيويٽ وڏين اسپتالن مان گڙي خرچ تي علاج ڪرائڻ تي مجبور آهيون پر هن تعلقه اسپتال مان انهن بيمارين جو ڪوبه فائدو نه ملي رهيو آهي، هنن وزير صحت، سيڪريٽري صحت کان مطالبو ڪيو ته ڊاڪٽرن جي کوٽ ختم ڪري هتان جي ماڻهن کي صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن جڏهن ته ان حوالي سان ايم ايس ڊاڪٽر محمد اسلم پرگڙي سان رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته واقعي ڊاڪٽرن جي وڏي کوٽ آهي، هن وقت تعلقه اسپتال ۾ صرف 5 ڊاڪٽر مقرر آهن جيڪي تمام گهٽ ڊاڪٽر آهن، او پي ڊي هن وقت روزانو هڪ هزار کان وڌيڪ آهي، ايمرجنسي صورت ۾ ڊاڪٽر ايمرجنسي کي ڪور ڪن يا او پي ڊي تي آيل مريضن کي چيڪ ڪن دوائن جي ڪابه کوٽ ناهي، چتي ڪتي، نانگ ڏنگيل جي ويڪسين پڻ موجود آهي، تعلقه اسپتال تنڊوباگو ۾ هن وقت اسپتال ۾ جيڪي غريب ماڻهو جيڪي وڏين اسپتالن مان عربت سبب آپريشن نه سگهندڙ ماڻهو هن اسپتال مان فري ۾ آپريشن لاءِ او پي ڊي روم قائم ڪيو ويو آهي ۽ جيڪي غريب ماڻهو ٻاهران پرائيويٽ اسپتالن ۾ حامل عورتن جو ويم دوران آپريشن ڪري غريب ماڻهن کان هزارين روپيا فائدو وٺندا هئا پر تعلقه اسپتال ۾ گائنالاجسٽ ڊاڪٽرياڻي مقرر ڪرائي غريب ماڻهن جي فري ۾ علاج ڪيو پيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 39

وقت اڳ سجاد ولد سليم آرائين ۽ دلدار منهنجي ملازم شڪيل ميمڻ جي مدد سان منهنجي هڪ گهر نمبر 1330 مان گهر جا ڪاغذ، الحبيب بئنڪ جو چيڪ بڪ، گهر ۾ لڳل پنکا، گئس سيلينڊر، سيور بلب، پاڻي جو ڊرم ۽ هڪ لک روپيه ڪيش رقم ڪٽي وڃڻ سان گڏ جوابدار سجاد ۽ قيصر جعلسازي ڪري منهنجو گهر نمبر 1330 منور خشڪ سان وڪرڻ سميت سجاد پاران ڪوڙين صحيحن ذريعي سندس بئنڪ اڪائونٽ مان ٻه هڪ لک روپيه ڪيدرائي هڙپ ڪري ڪيس 10 لک روپين جو نقصان پهچايو آهي، پيرسن محمد يعقوب چيو ته سائنس ٿيل انهي ناانصافي جي علائقي جي معززين سميت ايس ايس پي ٺٽو ۽ ترڪش ڪالوني مڪلي جي پوليس چوڪي انچارج کي به ڏيٿي چڪو آهيان. پر ڪتان به انصاف ملي ناهي سگهيو ويٺر ٻااثر جوابدار ڪيس نقصان جون ڌمڪيون ڏيئي ڪيس پنهنجي ئي گهر مان بيدخل ڪرڻ چاهين ٿا. هنن وس وارن کان انصاف جو مطالبو ڪندي چوري ٿيل سامان توڙي وکرو ڪيل گهر واپس ڪرائي جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪري ڪيس تحفظ ڏيڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا | سنڌيار | 40

جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي. تفصيل موجب سيرائي پرسان بدين ضلعي جي ساموندي پٽي جي يونين ڪائونسل دودو سومرو جي ڳوٺ الهرکيو جت جي سرڪاري پرائمري اسڪول الهرکيو جت جي گذريل ٽن مهينن کان استاد نه هئڻ ڪري اسڪول بند پيل آهي جنهن سبب هڪ سئو کان مٿي شاگردن جو مستقبل تباهه ٿيڻ لڳو آهي مستقبل جا معمار تعليم جهڙي زيور کان محروم بڻيل آهن اسڪول جي شاگردن ۾ فدا حسين،انورعلي،سجاد علي،عمران،ڪامران ۽ والدين ۾ گل حسن،ڦوٽو،بشاالله،محمد شريف،محمد ابراهيم ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڳالهائيندي چيو ته هن اسڪول تي پرياسي جي ڳوٺن ۾ حاجي بجو ملاح،عمر خاصخيلي،عبدالستار ملاح،خان محمد ملاح،محمد حسن ملاح جي ڳوٺن مان شاگرد علم جي اڃ اجهائڻ اچن ٿا اسڪول تي استاد نه هئڻ ڪري راند ڪيڏي واپس گهر موٽي وڃن ٿا هنن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته اسان اعليٰ اختيارين ۾ تعليم جي صوبائي وزير ۽ ٻين وسوارن کان گهر ٿا ڪريون ته اسڪول تي استاد مقرر ڪري مستقبل جي معمارن جي تعليم تباهه ٿيڻ بچايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 41

باز ماڻهو آهي جيڪو وقت به وقت ڊراما ڪندو رهي ٿو سانگهڙ وفاقي وزير شازيا عطا مري سول اسپتال ۾ بينظير ڀٽو نشو نما سينٽر جو افتتاح ڪيو ۽ هڪ ايمبوليس اڄڙي ٽرجي ماڻهن لاءِ ڏني ان موقعي جرمني جو ايمبيسيڊر به گڏ هو سانگهڙ وفاقي وزير شازيا عطا مري سانگهڙ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته عمران خان جيڪو سرڪس لڳايو آهي ان جي ڪا به اهميت نه آهي عمران خان جڏهن وزير اعظم هو تڏهن به ڊراما ڪندو هو هن شخص کي سمجھ ۾ نه ٿو اچي ته هو ڪري ڇا ٿو سانگهڙ عمران خان صرف پنهنجي ذات لاءِ سوچي ٿو ان وٽ ملڪ ۽عوام لاءِ ڪو به پروگرام ناهي ملڪ جو عوام ڪيس سمجهي ڇڏيو آهي ان ڪري جيل ڀريو تحريڪ ۾ پاڪستان جي عوام ڪيس رد ڪري ڇڏيو